www.dailymehran.com.pk

ABC کان باقاعده تصديق ٿيل ABC CERTIFIED Reged: No. SC-NS-44

THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)

روزانه مهراڻ

چيف ايڊيٽر
فقير منثار مگريو
حيدرآباد، سنڌ

جلد (70) جمعو 25 آگسٽ 2023ع بمطابق 07 صفرالمظفر 1445هه شمارو (232) قيمت 20 رپيا

چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ڪميشن جو آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر جو مشاورت لاءِ صدر سان ملاقات نه ڪرڻ جو فيصلو

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا عام چونڊن جي تاريخ بابت صدر جي خط جو جواب ڏيئي ڇڏيو، قومي اسيمبلي آرٽيڪل 58 ون تحت وزيراعظم جي سفارش تي صدر 9 آگسٽ تي ٽوڙي، اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۽ 26 جون تي ترميم ڪئي وئي

ان ترميم کان اڳ صدر چونڊن جي تاريخ لاءِ ڪميشن سان مشاورت ڪندو هو، هاڻي سيڪشن 57 ۾ ترميم ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن ڪي تاريخ يا تاريخون ڏيڻ جو اختيار آهي، آئين جي آرٽيڪل 48 فائيو ڪي آئين جي آرٽيڪل 58 ٽو ڪي سان گڏ پڙهيو وڃي

چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ اليڪشن ڪميشن جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ صدر پاران چيف اليڪشن ڪمشنر کي ملاقات جي دعوت لاءِ اماڻيل خط جو جائزو ورتو ويو، جنهن ڪانپوءِ صدر کي جوابي خط لکي ملاقات ڪرڻ کان معذرت ڪئي وئي

اليڪشن ڪميشن جو موقف آهي ته چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار صرف اليڪشن ڪميشن جو آهي، ايوان صدر چيف اليڪشن ڪمشنر جي جوابي خط تي قانون ۽ انصاف واري وزارت کان راءِ گهري ورتي

اسلام آباد (بيورو/ م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا عام چونڊن جي تاريخ متعلق صدر جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو ته اليڪشن ايڪٽ ترميم کان پوءِ ڪميشن جي چونڊن جي تاريخ جو اختيار آهي چيف اليڪشن ڪمشنر صدر مملڪت عارف علوي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر14

نگران صحت واري وزير سان پوليو جي خاتمي لاءِ بي اير جي ايف جي سينيئر پروگرام آفيسر جي ملاقات

سنڌ مان پوليو جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا، ڊاڪٽر سعد خالد نياز

ڪراچي جي 8 يونين ڪائونسلن ۾ پوليو جي خطرناڪ يوسيز آهن

ڪراچي (بيورو) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

موجوده وسيلا ڪتب آڻيندي اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي: نگران گهرو وزير

منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادارن مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

آفيسر پنهنجي فرضن جي پاسداري ڪن، شهرين جي ڳالهه ٻڌڻ کان علاوه ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کي به يقيني بڻائين: حارث نواز

ڪراچي (بيورو) نگران گهرو، جيل خانن جي وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته موجوده وسيلا ڪتب آڻيندي اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي ۽ شهر جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسلام آباد: اطلاعات واري وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي سان گهرو وزير سرفراز بگٽي ملاقات ڪندي

جناح هائوس حملو ڪيس، خديجه شاهه ۽ ٻين جي درخواست جي ضمانت تي ٻڌڻي 28 آگسٽ تي ٿيندي

لاهور (اين اين آءِ) لاهور هاءِ ڪورٽ جناح هائوس /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر15

ٽمبر مارڪيٽ جي دڪاندارن اليڪٽرڪ جي تن گاڏين ۾ عملي کي يرغمال بڻايو

ڪراچي (بيورو) شهر قائد جي علائقي ٽمبر مارڪيٽ جي دڪاندارن اليڪٽرڪ جي تن /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر16

ڪو غلط فهمي ۾ نه رهي ته ملڪ محفوظ هٿن ۾ ناهي، پاڪستان اسان جو گهر آهي ۽ ان جي حفاظت اسان جي ذميواري آهي: نگران وزيراعظم

هي اسان جو گهر آهي، اسين ڪيڏانهن به نه پيا وڃون، گهر جو نظام بااختيار ۽ باصلاحيت ماڻهن وٽ آهي، جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته هو اسان جو طرز زندگي بدلائيندا ته انهن کي پنهنجي غلط فهمي دور ڪرڻ گهرجي

بٽگرام چيئرلفٽ واقعي تي پوري دنيا جون نظرون هيون، دنيا ڏسي رهي هئي ته پاڪستان هن مشڪل کي ڪيئن منهن ڏيندو، ڪروڙين ماڻهو پريشان هئا ڀر لفٽ ۾ ڦاٿل ٻارڙن فوجين کي ڏسي چيو ته اسان بچي وينداسين

ريسڪيو آپريشن جي ڪاميابي لاءِ بهترين حڪمت عملي تيار ڪندڙن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، مادر وطن لاءِ قربانيون ڏيندڙ اسان جا هيروز آهن، زندگي جي هر شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙن تي اسان کي فخر آهي

وزيراعظم هائوس ۾ چيئرلفٽ آپريشن ۾ حصو وٺندڙن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، نگران وزيراعظم چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچائيندڙ ايس ايس جي ڪمانڊوز ۽ آپريشن ۾ حصو وٺندڙ مقامي ماڻهن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا

اسلام آباد (بيورو/ م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ڪو به غلط فهمي ۾ نه رهي ته ملڪ محفوظ هٿن ۾ ناهي، پاڪستان اسان جو گهر آهي ۽ ان جي حفاظت اسان جي ذميواري آهي. هن وڌيڪ چيو ته هي اسان جو گهر آهي، اسين ڪيڏانهن به نه پيا وڃون، گهر جو نظام بااختيار ۽ باصلاحيت ماڻهن وٽ آهي، جيڪي ماڻهو /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر1

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ تقريب کي خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڏنل هي سزا مختصر آهي جيڪا بنا نوٽيس جي به معطل ٿي ويندي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بئنچ توشا خانه ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي اپيل ۽ سزا معطلي جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

اليڪشن ڪميشن پاران اپيل ۾ رياست کي ڌر نه بڻائڻ تي اعتراض، رياست کي به نوٽيس جاري ڪري ٻڌو وڃي (وڪيل) رياست کي نوٽيس به ڪيون ته ڇا ٿيندو: چيف جسٽس

اسلام آباد (بيورو/ م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس توشا خانا ڪيس ۾ چيو آهي ته تحريڪ انصاف چيئرمين کي ڏنل هيءَ مختصر سزا آهي، جيڪا بنا نوٽيس جي به معطل ٿي ويندي آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

جي يو آءِ ۽ پي ٽي آءِ وفدن جي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ڌار ڌار ملاقاتون، چونڊن تي مشاورت

هن وقت تڪبندين جي ضرورت نه آهي 90 ڏينهن ۾ چونڊون يقيني بڻايون وڃن، پي ٽي آءِ کي ٻين سياسي جماعتن وانگر برابر موقعا فراهم ڪيا وڃن: پي ٽي آءِ وفد

پنهي پارٽين جي نمائندن کي يقين ڏياريو ويو ته اليڪشن ڪميشن جلد کان جلد چونڊون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي، سڀني پارٽين کي برابر موقعا ملندا: اي سي پي

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي وفدن چيف /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر2

آءِ ايم ايف جو پاڪستان تي سرڪاري ادارن کي ناڻي واري وزارت جي نگراني ۾ رکڻ تي زور

پاڪستان جي سمورن ادارن کي ناڻي واري وزارت جي ماتحت ڪم ڪرڻو پوندو، سڌارن وقت حڪومت اهو شرط مڃيو هو: پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي

پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ اڳ کان طئي سڌارن تي عمل ڪرڻو پوندو، اهو چوڻ ڏکيو آهي ته 2024 تائين موجوده اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ تي عمل ٿيندو يا نه

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي ايسٽر پيريز چيو آهي ته پاڪستان جي سڀني حڪومتي ادارن کي ناڻي واري وزارت تحت ڪم ڪرڻو پوندو، ايسٽر پيريز پرڏيهي خبرو اداري سان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

هلندڙ سال جنوري کان جون تائين 2227 ٻارن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو، رپورٽ جاري

سال 2023 جنوري کان جون دوران 1207 ٻارڙين ۽ هڪ هزار 20 ٻارن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو

ٻارڙن تي جنسي تشدد خلاف ڪم ڪندڙ غيرسرڪاري تنظيم پاران جاري ڪيل رپورٽ

لاهور (اين اين آءِ) ٻارڙن تي جنسي تشدد جي خلاف ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيم هلندڙ سال 2023 جنوري کان جون جي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر13

سپريم ڪورٽ پاران توشه خانه ڪيس ۾ اٽارني جنرل کي 28 آگسٽ تائين رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم

عدالت توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي جو حڪم نامو جاري ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين جي جيل ۾ حالتن بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي

مناسب هوندو ته پي ٽي آءِ جي سپريم ڪورٽ ۾ داخل اپيلن تي فيصلي کان اڳ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ پاران توشه خانه ڪيس ۾ اٽارني جنرل کي 28 آگسٽ تائين رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر17

نسلا ٽاور ڪيس منظور قادر ڪاڪا ۽ خيرمحمد ضمانت جي لاءِ عدالت سان رجوع ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو) نسلا ٽاور ڪيس ۾ جڊيشنل /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر19

لاپتا ايم ڪيو ايم ڪارڪن 6 سالن کان پوءِ بازياب ٿي سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو

اوهان ڪٿي هئا ڪيرونئي ويو هو توهان کي (عدالت) مون کي ڪا به خبر نه آهي (محمد جاويد)

مون کي ڪا به خبر نه آهي مون کي 500 رپيا ڏئي روڊ تي ڇڏيو ويو، منهنجو تعلق ايم ڪيو ايم پاڪستان سان آهي تنهن ڪري کنيو ويو هو

ڪراچي (بيورو) ايم ڪيو ايم جو ڪارڪن 6 /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر18

آمريڪي سفير جي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات

آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا سان ملاقات ڪئي

پاڪستان جي مستقبل جي اڳواڻن جي چونڊ ڪرڻ پاڪستاني عوام جو ڪم آهي: آمريڪي سفير

اسلام آباد (بيورو) آمريڪي سفارتخاني جي ترجمان جي بيان مطابق آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم خميس تي چيف اليڪشن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پوئين دفعي توشه خانه چور کي ريسٽ هائوس شفٽ ڪيو ويو هو، هن دفعي هوٽل ڪيئن رهندو: مريم نواز

عمر عطا بنديال ٻارن جي خاطر قانون ۽ انصاف کي استعمال ڪري تاريخي بدنامي گڏ ڪئي رهيو آهي

جنهن حالت ۾ چورن کي رکيو ٿو وڃي ان کان بهتر حالت ۾ پي ٽي آئي چيئرمين کي رکيو ويو آهي

لاهور (اين اين آءِ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر20

9 مئي واقعا، پوليس پاران پي ٽي آءِ چيئرمين کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ملي وئي

پوليس پاران 6 ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي

انسداد دهشتگردي عدالت جي جج اعجاز احمد بٽر پوليس جي درخواست منظور ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ڏني

لاهور (اين اين آءِ) پوليس کي چيئرمين پي ٽي آءِ کي 9 مئي جي 6 مقدمن جي تفتيش ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ملي وئي. پوليس 6 مقدمن جي تفتيش ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ کي شامل ڪرڻ جي لاءِ درخواست /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: نگران وڏو وزير

صحت کاتو دوائن جي ذخيرو ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف مهم شروع ڪري، مينوفيڪچررز ۽ ڊيلرن غيرمعياري دوائون ناهيندڙ خلاف ڪارروائي شروع ڪئي وڃي

مڪاني کاتي جا ادارا پنهنجي علائقي ۾ مڇر مار اسپري شروع ڪن، جهرڪ ملاڪاتيار پل وٽ روڊ حادثي ۾ 7 ڄڻن جي فوتين جي وارثن جي مدد ڪئي وڃي: هدايتون

ڪراچي (بيورو) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) باقر مقبول مارڪيٽ ۾ حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ جو سخت نوٽيس وٺندي صحت کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته دوائن جي دستيابي کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ حڪومت جو گرانٽ وٺڻ واري صحت جي تمام ادارن جو آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو) سنڌ حڪومت پاران صحت جي ادارن کي اربين رپين جي مالي امداد جي تحقيقات شروع ڪري ڇڏي آهي سنڌ جي نگران انتظاميه حڪومتي گرانٽ وٺندڙ صحت جي سڀني ادارن کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آڊٽ پرائيويٽ ادارن مان ڪرايو ويندو هڪ ارب کان /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر12

نواز شريف جي سيپٽمبر ۾ وطن واپسي جو امڪان ختم

فيبروري 2024 ۾ عام چونڊن جي امڪان ڪانپوءِ نواز شريف آڪٽوبر يا نومبر ۾ وطن واپس ايندو

وطن واپسي تي نواز شريف پنهنجي اباڻي شهر لاهور ۾ لينڊنگ ڪندو جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويندو: ذريعا

لنڊن (م ڊ) نواز شريف جي سيپٽمبر ۾ وطن واپسي جو امڪان في الحال ختم ٿي ويو ذريعن موجب فيبروري 2024 ۾ عام /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر3

آئي جي سنڌ پوليس جي لاءِ نئون هدايت نامو جاري ڪري ڇڏيو

عام چونڊن لاءِ محفوظ ماحول يقيني بڻائڻ جي هدايت جو پيغام ٽن زبانن سنڌي، انگلش ۽ اردو ۾ جاري ڪيو ويو

هڪ ٽيم جي حيثيت سان خواهش آهي ته اسان ملي ڪري اڳتي وڌون، امن امان جو ماحول محفوظ بڻايون: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو) آئي جي سنڌ رفعت مختار /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر4

مبينه شخص روڪڻ جي اشاري تي پوليس اهلڪارن کي ڪار سان ٽڪر هڻي فرار

ڪراچي (بيورو) شهر قائد ۾ مبينه شخص روڪڻ جي اشاري تي پوليس اهلڪارن کي ڪار /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر5

ايف بي آر چيئرمين اداري ۾ اربين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ڪندي بيوسي ظاهر ڪري ڇڏي

ايف بي آر ۾ 500 کان 600 ارب روپين جي ڪرپشن ٿيندي آهي، اداري لاءِ اهو ناممڪن آهي ته سڀني 25 هزار ملازمن جا اثاثا چيڪ ڪري سگهي: زبير احمد ٽوانا

ايف بي آر پنهنجي 25 هزار ملازمن جا اثاثا چيڪ نٿو ڪري سگهي ته 25 ڪروڙ ماڻهن جا اثاثا ڪيئن چيڪ ڪندو: سينيٽر ڪامل علي آغا

اسلام آباد (بيورو/ م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) چيئرمين زبير امجد ٽوانا انڪشاف ڪيو آهي ته ايف بي آر ۾ 500 کان 600 ارب روپين جي ڪرپشن ٿيندي آهي، سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

قومي خوشحالي لاءِ نوجوانن کي مهارتن سان آراسته ڪرڻ ضروري آهي: مدد علي سنڌي

ملڪ ۾ هنرمندي جي تعليم جي فروغ ۾ نيشنل اسڪلز يونيورسٽي اسلام آباد جو ڪردار قابل تعريف آهي

اسان کي سڄي ملڪ جي عوام کي روزگار ڪمائڻ جي صلاحيتن جي تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (اين اين آءِ) نگران وفاقي وزير براءِ تعليم تربيت مدد علي سنڌي چيو آهي ته قومي خوشحالي نوجوانن کي تمام ضروري مهارتن سان آراسته ڪرڻ ضروري آهي ملڪ ۾ هنرمندي جي تعليم جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

اسلام آباد: تعليم واري وفاقي نگران وزير مدد علي سنڌي جو شاگردن سان ورتل گروپ فوٽو

ٽرائل ڪورٽ ۾ عذير بلوچ جي خلاف مقدمن جو فيصلو ۾ وڌيڪ هڪ مهينو رهجي ويو

ڪراچي (بيورو) ٽرائل ڪورٽ ۾ عذير بلوچ جي خلاف مقدمن جو فيصلو ۾ وڌيڪ /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر21

به ماڙ تان ڪرندڙ ٻارڙو معجزاتي طور تي محفوظ، ڪرڻ جي فوٽيج به سامهون اچي وئي

ڪراچي (بيورو) شهر قائد جي علائقي بفرزون ۾ به ماڙ عمارت تان هڪ ٻارڙو ڪري پر /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر22

گورنر سنڌ سان آمريڪا جي نئين قونصلر جنرل جي ملاقات

ملاقات ۾ پاڪ آمريڪا سفارتي ۽ تجارتي تعلقات، پاڪستان جي معاشي ۽ ڪراچي جي معيشت بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

آمريڪي سرمائيڪار مختلف شعبن ۾ سرمائيڪاري ۾ ڀرپور دلچسپي ڏيکاري رهيا آهن: ڪومراڊ ٽريپل

ڪراچي (بيورو) گورنر سنڌ سان آمريڪا جي نئين قونصلر جنرل ڪومراڊ ٽريپل گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪ آمريڪا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

جهرڪ ويجهو هاءِ ڊرائيندڙ روڊ حادثو، عورت سميت 7 مسافر فوت، 15 زخمي

حيدرآباد کان ٺٽو مسافر وين تيز رفتاري سبب سامهون ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن ۾ ڊرائيور سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا

فوتين ۾ شهدادپور واسي نادر علي بروهي، وين ڊرائيور غلام حسين ميمڻ، مختيار علي، محمد عليئن نيشنل بينڪ مڪلي جو آپريشن مئنيجر ذوالفقار علي راڄپر ۽ حيدرآباد واسڻ هاجراه راهوجو شامل

فوتين مان 6 جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، هڪ جي سڄاڻپ نه ٿي سگهي، چيف سيڪريٽري حادثي بابت ڊي سي ٺٽو کان رپورٽ طلب

ٺٽو (رپورٽ: صديق ميمڻ) جهرڪ ويجهو خوفناڪ حادثي جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت 7 مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ 15 مسافر زخمي ٿي پيا بروقت ايمبولينس ۽ ريسڪيو ٽيمون نه پهچڻ ڪري هڪ ڪلاڪ تائين زخمي واقعي واري هنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ٺٽو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيلن جا لاش ۽ زخمي اسپتال داخل آهن

ڪراچي ۾ نوجوان کي چيڀاٽيندڙ گاڏي اهم شخصيت جي ڌيءَ جي نڪتي

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي ڊفينس ۾ نوجوان کي ٽريفڪ حادثي ۾ ڪچليندڙ گاڏي سنڌ جي اعليٰ شخصيت جي ڌيءَ جي نڪتي تفصيل مطابق ڪنهن به مقدمو نامزد نه ڪيو گاڏي جو نمبر /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر6

فاطمه ڪيس ۾ رخنو وجهڻ ۽ ڪٽ ڪرڻ تي 40 ڄڻن مٿان ڪيس داخل

علي حسن ملاح، مريد سولنگي ۽ اڪرم ڀٽي سميت 40 ڄڻن تي سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪجهه شرپسند ماڻهو اوطاق تي گڏ ٿي ماڻهن کي اڪسائي رهيا آهن: ايف آءِ آر

راڻيپور (ن م) فاطمه قرڙو قتل ڪيس ۾ رخنو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

آئي جي سنڌ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سان ملاقات

ڪجهه مهلت ڏيو صورتحال ۾ بهتري نظر ايندي اسان پنهنجي پاران ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون

صوبي ۾ جڏهن به نئين ڪمانڊ ايندي آهي ته اميد جي توقعات به وڌيڪ هونديون آهي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو) آءِ جي سنڌ راجا رفعت مختار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪنڌڪوٽ ڀرسان ڌاڙيلن جي مسافر ڪوچ تي فائرنگ، 4 ڄڻا زخمي، ڦرلٽ

هٿيارٻندن جي ڪوئٽا کان پنجاب ويندڙ مسافر ڪوچ تي ڪيل فائرنگ ۾ زخمي ٿيل چار ڄڻن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مسافرن کي يرغمال بڻائي لکين روپيا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦُري ڪيو ويو، ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: عبدالغفور ڀلڪاٽي) ڪنڌڪوٽ ڪشمور ضلع جا ڌاڙيل پوليس کان زور ٿي ويا آهن نامعلوم هٿيارٻندن پاران ڪنڌڪوٽ ٺل روڊ تي ڪوئٽا کان پنجاب ويندڙ مسافر ڪوچ تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ٽنڊو آدم ستي ٽاٽي جي حد مان اڌڙوٽ شخص جو لاش هٿ

سرڪاري گودامن وٽان هيروئن جي عادي اڌڙوٽ شخص جو لاش هٿ آيو، پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

لاش جي سڃاڻپ منور علي ولد مير حسن ملڪ طور ٿي وارث بغير پوسٽ مارٽم جي لاش کڻائي ويا

ٽنڊو آدم (ن م) ستي ٽاٽي جي حد سرڪاري گودامن وٽ هيروئن جو عادي موالي اڌڙوٽ عمر جو نامعلوم همراهه جو لاش هٿ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

لاپته شهري خانزاده گهر واپس پهچي ويو، پوليس اهلڪارن جي لاعلمي، سنڌ هاءِ ڪورٽ سرزنش ڪئي

ڪراچي (بيورو) لاپته شهري خانزاده گهر واپس پهچي ويو ۽ چيو ته ڏاڍي افسوسناڪ صورتحال آهي پوليس شهري جي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر7

گهوٽڪي ڀرسان ڪراچي ويندڙ ٽرين مان نوجوان ڪري فوت

پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٽائي تعلقه اسپتال گهوٽڪي پهچايو

نوجوان جي کيسي مان هٿ آيل سڃاڻپ ڪارڊ مان ملتان واسي محمد فياض طور ٿي

گهوٽڪي (ڊ ر / ڪرائيم رپورٽر) گهوٽڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

گهوٽڪي: ٽرين مان ڪري فوت ٿيل نوجوان جو لاش

ميرپورخاص حيدرآباد روڊ تي دڪان کي ڪاٽ، 5 لک روڪ ۽ ٻيو سامان چوري

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص حيدرآباد مُک روڊ تي نامعلوم چور دڪان کي ڪاٽ هڻي 5 لک ورپين کان وڌيڪ جو سامان چوري ڪري ويا، متاثر دڪاندار محمد اسلم ڏانهيندي چيو ته نامعلوم چورن دڪان سان لڳ ٻي دڪان ذريعي منهنجي دڪان جو ڇت ۾ ڪاٽ هڻي دڪان /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر11

سنڌ جي معدنيات نيلام ڪرڻ جو اشارو، معدني وسيلن سان ملڪي معيشت بهتر ٿي سگهي ٿي: مير خدا بخش مري

معدني وسيلن جي فائدن بابت عوام کي خبر ناهي، سڀ ڄاڻين ٿا ته اسان جو ملڪ خساري ۽ بحرانن جي ور چڙهيل آهي

سنڌ ۾ موجود معدنيات ڪڏي ايڪسپورٽ ڪري جهجهو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو) نگران صوبائي وزير پاران سنڌ جي معدنيات نيلام ڪرڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي. سنڌ جي نگران معدني وسيلن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

محتسب اعليٰ سنڌ جي ملازمن 2013 کان پنهنجي پروموشن نه ٿيڻ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪيو

ڪراچي (بيورو) سنڌ هاءِ ڪورٽ وزيراعليٰ سنڌ محتسب اعليٰ سنڌ، سيڪريٽري، قانون /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر8

وڪيل قتل ڪيس ۾ چيئرمين پي ٽي آئي کي گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم برقرار

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني خصوصي بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

وڪيل طرفان ڪيس جلد ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جي استدعا، ڪيس کي عدالتي موڪلن کان پوءِ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو وڃي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (اين اين آءِ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اليڪشن جي تاريخ مقرر ڪرڻ جي درخواست اٽارني جنرل معاونت جي لاءِ 6 سيپٽمبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ طلب

لاهور (اين اين آءِ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي صدر مملڪت کي عام چونڊن جي تاريخ مقرر /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر9

ڪراچي ۾ پيءُ غيرت جي نالي تي ڌيءُ کي قتل ڪري لاش دفنائي ڇڏيو

اسد علي نالي شهري پنهنجي زال ثمينه جي گمشدگي جي حوالي سان پوليس کي آگاهه ڪيو

ڌيءُ ثمينه کي گهر آڻي رات جو ٽي وارن ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هو: جوابدار پيءُ

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي منگهوپير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي ڊڪيتي، پوليس مقابلي ۾ ملزمن کي 19 سالن جي سزا

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي سائيٽ ايريا ۾ جنرل اسٽور ۾ چوري ۽ پوليس مقابلي جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر10

ريڊيو خيرپور جي زمين تي قبضن وارو معاملو اسٽيشن ڊائريڪٽر خلاف جاچ ڪاميٽي قائم

ايف ايم ملتان جو انچارج رياض مٿلسي ڪاميٽي جو چيئرمين مقرر 10 ڏينهن ۾ رپورٽ جو حڪم ڏنو ويو

اڳوڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر سيد اڪبر شاهه کي زمين تي قبضا غيرقانوني ٻورنگ لڳائڻ جي الزام ۾ معطل ڪيو ويو هو

خيرپور (ڊر/ ڪرائيم رپورٽر) خيرپور ۾ ريڊيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪوٽڙي ۾ معمولي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

خدا جي بستي واري علائقي ۾ بگٽي ۽ مهيسر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو

اطلاع تي پوليس پهچي جهيڙيندڙ پنهي ڌرين جي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪوٽڙي (ن م) ڪوٽڙي سائيٽ خدا جي بستي 3 نمبر اسٽاپ تي معمولي ڳالهه تان بگٽي ۽ مهيسر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

شهدادپور جي جام برانچ شاخ وٽان اڻ ڄاتل شخص جو لاش هٿ

پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سمس اسپتال جي مرده خاني ۾ سڃاڻپ لاءِ رکيو ويو

اڻ ڄاتل شخص کي قتل ڪري لاش جام برانچ ۾ اڇلايو ويو آهي، سڃاڻپ جي قابل ناهي: پوليس

شهدادپور (س ر) شهدادپور جي جام برانچ شاخ وٽان اڻ ڄاتل شخص جو لاش اطلاع تي پوليس تحويل ۾ وٺي ايمبولينس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ٽنڊو مستي ۾ گيسٽرو ۽ مليريا ۾ اضافو، 12 ورهين جو نينگر فوت

ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ پورهيت لعل بخش جو 12 ورهين جو نينگر محمد بچل اڄڻ گيسٽرو وگهي فوت ٿي ويو

اسپتالن ۾ صحت جي سهولتن جي کوٽ سبب خطرناڪ بيمارين تيزي سان پکڙجڻ سبب معصوم ٻارن جون حياتيون داءِ تي لڳل

ٽنڊو مستي (ن م) بيمارين وگهي معصوم ٻارڙن جي فوت ٿيڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو ٽنڊو مستي ڀرسان ڳوٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ٺٽو ويجهو خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

ٻهاراشهر جي ڊاڪٽر گلي ۾ گهريلو اڻبڻت تان خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب هڪ نوجوان خميسو مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو، گهر ۾ ڪهرام، ڪيس داخل

ٺٽو (ن م) ٻهارا شهر ۾ خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هڪ نوجوان نالي خميسو ولد بصر خاصخيلي مارجي ويو. ٻهاراشهر جي ڊاڪٽر گلي ۾ گهريلو اڻ بڻت تان خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

راڻيپور ۾ هٿيارٻندن هٿان ريڙهو هلائي ٻچن جو پيٽ پاليندڙ پورهيت قتل

گمبٽ موڙ تي هٿيارٻندن گولين هڻي پورهيت نوجوان غلام مصطفيٰ مگسي کي قتل ڪري ڇڏيو

مقتول جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، واقعو پراڻي دشمني جو لڳي رهيو آهي: پوليس

راڻيپور (ن م) راڻي پور شهر ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي، ڏينهن ڏٺي جو مين چوڪ ۾ فروٽ جو گاڏو هلائيندڙ نوجوان غلام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

هاءِ ڪورٽ ۾ التوا هيٺ معاملن ۾ مداخلت نه ٿيڻ گهرجي: حسن رضا پاشا

اسلام آباد (اين اين آءِ) پاڪستان بار ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر23

سڪرنڊ ڀرسان ڌار ڌار حادثن ۾ ٻه ڄڻا فوت

روڊ پار ڪندي تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر لڳڻ سبب چڱل شيخ فوت ٿي ويو

موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نوجوان شهريار کيريو اسپتال ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو

سڪرنڊ (ن م) سڪرنڊ لڳ ڀڳ الڳ الڳ حادثن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ ۾ نگران سرڪار پاران نئين تعميرات تي پابندي لاڳو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪنهن به قسم جي گهر، ڪمرشل پلازه، نقشا، هر قسم جي بلڊنگ پلان، لي آئوٽ ۽ پلانن جي انضمام تي پابندي هوندي

نگران صوبائي وزير بلديات مبين جماڻي جي هدايتن تي بلديات کاتي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو) حڪومت سنڌ صوبي ۾ نئين تعميرات تي پابندي عائد ڪري ڇڏي آهي تفصيل مطابق سنڌ ۾ نگران حڪومت /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر24

گهوٽڪي جي ڪچي جي ڳوٺن کي درياءَ پاڻي لڳو، اباڻا ڳوٺ هٿن سان پٽڻ لڳا، احتجاج

گهوٽڪي (ڊر) گهوٽڪي جي ڪچي جي ڇهون بلاڪ ۾ سنڌو دريا جي پاڻيندڙ وڌي وئي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر26

ڪنڊرا ناڪي ڀرسان دڪان کولڻ تان سومرا برادري ۾ جهيڙو، 6 ڄڻا زخمي

ڌرين ۾ جهيڙي دوران لٺيون لڳڻ سبب پنهي ڌرين جا 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي تعلقه اسپتال روهڙي آندو ويو

هڪ نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، متاثر ڌر جو احتجاج، حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي

روهڙي (ن م) روهڙي جي علائقي ڪنڊرا ناڪي /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر25

ڪراچي جي پاڪ ڪالوني ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ اهلڪار شهيد

پراڻا گوليمار واري علائقي ۾ پوليس ۽ منشيات فروشن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ اهلڪار عادل شهيد ٿي ويو، هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ فرار

ڪراچي (بيورو) ڪراچي جي علائقي پراڻا گوليمار ۾ منشيات فروشن ۽ پوليس وچ ۾ /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر27

گهوٽڪي جي عدالت ايس ايڇ او ڏهرڪي پاران مزدورن تي تشدد ۽ غيرقانوني لاڪ اپ ڪرڻ جو نوٽيس ورتو

ڏهرڪي (رپورٽ: سجاد ڪورائي) ضلعي سيشن جج گهوٽڪي نوٽيس وٺي ڇڏيو مزدورن کي ايس ايڇ او ڏهرڪي پاران تشدد ۽ غيرقانوني لاڪ اپ ڪرڻ ۽ ويجهڙ تحت /ڏسو صفحو 4 بقايا نمبر28

ٽنڊو الهيار ۾ نينگر گٽر نالي ۾ ڪري ٻڏي فوت

داتا نگر ڪالوني ۾ 11 ورهين جو ايان علي جروار گٽر نالي ۾ ڪري ٻڏي ويو

فوتي ٻارڙي جي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي داتا نگر ڪالوني ۾ ٻارڙو گٽر نالي ۾ ڪري ٻڏي فوت 11 سالا ايان علي ولد عبدالغني جروار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

فاطمه قرڙو واقعو: ڪچي جي ڌاڙيلن راڻيپور جي پيرن ۽ حويلي جي حفاظت ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ واري وڊيو وائرل ڪري ڇڏي

ڌاڙيلن پاران وائرل ڪيل وڊيو ۾ صحافين ۽ فاطمه قرڙو جي وارثن کي ڌمڪيون ڏيندي چيو ويو ته ڪنهن به راڻيپور جي پيرن جو نالو کنيو ته انهن جو خير ناهي

وڊيو وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ حيرت جي لهر پکڙجي وئي، خيرپور جي صحافين ڌاڙيلن کان نه ڊڄندي حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي ڪيس جي ڪوريج ڀرپور نموني جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

خيرپور (رپورٽ: ارشد راجپوت) فاطمه قرڙو واقعي ۾ نئون موڙ، ڪچي جي ڌاڙيلن پاران سوشل ميڊيا تي وڊيو بيان جاري ڪندي فاطمه قرڙو قتل ڪيس واري واقعي تي راڻيپور جي پيرن ۽ حويلي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ABC کان باقاعده تصديق ٿيل | Reged: No. SC-NS-44 | ABC CERTIFIED

THE DAILY MEHRAN HYD (SINDH)

روزانه مهراڻ

چيف ايڊيٽر فقير منئار مگريو

حيدرآباد، سنڌ

پرنٽر ۽ پبلشر: فقير منئار مگريو

هي اخبار ڪنگري پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي پلاٽ نمبر 956، بابن شاهه ڪالوني ٽنڊي سڙڪ حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

اسان جي ويب سائيٽ وزٽ ڪندا www.dailymehran.com.pk

Regd: No. 2541- A

WhatsApp No. 0308-0038335

خبرن لاءِ اي ميل ائڊريس: dailymehran12345@gmail.com, daily_mehran@yahoo.com

هيڊ آفيس فون نمبر: 022-2782734-2783970-2783971 فيڪس: 022-2783972

جمعو 25 آگسٽ 2023ع بمطابق 07 صفرالمظفر 1445هه

جهنم جا ڪتا ۽ نگران وزيراعظم جي آتت

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته آپگهاتي حملا ڪندڙ جهنم جا ڪتا آهن ڪين ڪان نه ٿا ڊڄون دهشتگردن آڏو نه جهڪنداسين هن اها ڳالهه ڪراچي ۾ واپاري شخصيتن کي خطاب ڪندي چئي هن چيو ته پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ انتهاپسندي، دهشتگردي ۽ عدم برداشت جي سامهون هٿيار ڦٽا نه ڪندو هن چيو ته پلي ڪجهه به ٿي وڃي اسان وڙهنداسين هن وڌيڪ چيو ته جيڪي سمجهن ٿا ته اسان جنگ کان ٿڪجي ويا آهيون اهي غلط فهمين جو شڪار آهن هي اسان جو گهر آهي ۽ ان کي اسان پنهنجي مرضي سان هلائينداسين. هن چيو ته معدنيات سان نوازيل صوبي جا ماڻهو مايوسي جو شڪار ۽ انڊس ڊيلٽا جا ماڻهو خوراڪ جي کوٽ جو شڪار آهن هن چيو ته عالمن کان پڇان ٿو ڪهڙي نبي آپگهاتي حملن جي تعليم ڏني آهي؟ هن ان موقعي تي صحافين پاران پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته خاطري ٿو ڪرايان ته عام ماڻهو کي سستي ماني ۽ ڪٽڪ فراهم ڪنداسين. اسان ڪوڙا خواب ڏيکارڻ نه ٿا چاهيون پر نيڪ نيتي سان ڪوشش ڪري رهيا آهيون نگران وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ اها ڳالهه به قبول ڪئي آهي ته اسان جو مينڊيٽ محدود آهي اسان کي چونڊن ۾ معاونت ڪرڻي آهي هن چيو ته پرامن طريقي سان اقتدار منتقل ڪرڻ بابت اصول طئي آهي ۽ اسان سڀ ان تي عمل پيرا آهيون جيئن ته نگران وزيراعظم کان اڳ جيڪي به نگران وزيراعظم رهيا آهن اهي اقتدار جي ڪرسي تي ويهڻ شرط اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا هئا جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ عام حلقن ۾ سڙٻات شروع ٿي ويندا هئا ته لڳي ٿو ته نگران حڪومت هڪ ڊگهي عرصي تائين اقتدار تي ويهڻ لاءِ رٿابنديون ڪرڻ وڃي رهي آهي ۽ پوءِ ڪوشش اها ٿي ٿيندي هئي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ملڪي معاملن کي ايترو ته اينگهايو وڃي جو عام چونڊون هڪ خواب بڻجي وڃن. جڏهن ته نگران وزيراعظم واضح لفظن ۾ چيو آهي ته اسان جو مينڊيٽ محدود آهي ۽ پرامن طريقي سان اقتدار منتقل ڪرڻ بابت جيڪو اصول طئي ٿيل آهي ان لاءِ اسان سڀ ئي عمل پيرا آهيون اسان نگران وزيراعظم جي ان عزم کي ساراهه جوڳين نظرن سان ڏسون ٿا ۽ اميد ٿا ڪريون ته نگران حڪومت شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪري پنهنجي گهر پيڙو ٿيندي. جڏهن ته نگران وزيراعظم دهشتگردن خلاف جيڪو سخت رد عمل ڏيکاريو آهي اهو به واکاڻ جوڳو آهي جنهن ۾ هن دهشتگردن کي جهنم جا ڪتا قرار ڏنو آهي ۽ هٿيار ڦٽا نه ڪرڻ واري عزم جو اظهار ڪيو آهي اسان سمجهون ٿا ته پاڪستان ۾ دهشتگرد هڪ ڊگهي عرصي کان نهايت ئي منظم طريقي سان ڪارروايون ڪرڻ ۾ رڌل آهن ۽ جيئن ئي ڪين موقعو ملي ٿو ته اهي خوني واردات ڪرڻ کان پاسو ئي نه ٿا ڪن. اسان جي خيال ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ جتي رياستي طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي اتي دهشتگردي جي انهن سببن جي خاتمي لاءِ به ڪوششون ڪرڻيون پونديون جيڪي سبب ڪنهن بندوق جي زور سان ڪڏهن به ختم ڪري نه ٿا سگهجن اسان کي حيرت آهي ته هاڻ جڏهن افغانستان جي حڪومت کان به اسان کي ڪو خطرو نه آهي، ايران سان به سٺا ناتا آهن ته پوءِ آخر انهن دهشتگردن کي هٿيار ۽ ٻي مالي مدد ڪٿان حاصل ٿي رهي آهي يا ڇا اهو ممڪن ناهي ته دهشتگردن کي فراهم ٿيندڙ هٿيار ۽ انهن کي ٿيندڙ مالي مدد وارا گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن ته جيئن اهي وسيلن جي کوٽ سبب پاڻمرادو ئي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن. بهرحال نگران وزيراعظم پاران ڪراچي ۾ ويهي اها ڳالهه ڪرڻ ته معدنيات سان نوازيل صوبي جا ماڻهو مايوسي ۽ انڊس ڊيلٽا جا ماڻهو خوراڪ جي کوٽ جو شڪار آهن واري ڳالهه تي ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن جا ڪن ڪجي وڃن ڇو ته سنڌ جو عوام سنڌ جي معدنيات جي حوالي سان نهايت ئي حساس خيال رکندڙ آهي جڏهن ته انڊس ڊيلٽا جي ماڻهن لاءِ خوراڪ جي کوٽ هجڻ واري ڳالهه مان لڳي ٿو ته وفاقي سرڪار سنڌ ۾ معدنيات جي حوالي سان ڪنهن رٿا تي ويچار ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف انڊس ڊيلٽا جي ماڻهن بابت اهو چوڻ ته خوراڪ جي کوٽ جو شڪار آهن واري ڳالهه ڪيترن ئي اشارن کي ظاهر ڪندي نظر اچي ٿي ان سلسلي ۾ ڪجهه حلقن سوال ڪيو آهي ته ڇا انڊس ڊيلٽا جي ماڻهن جي بک ختم ڪرڻ جي نالي ۾ ڪي اهڙا پراجيڪٽ شروع ڪرڻ جو ڪو ارادو آهي يا انڊس ڊيلٽا جي آسپاس وارين زمينن کي اجگر رٿائن جي نالي ۾ قبضو ڪرڻ بابت ڪي ويچار هلندڙ آهن جنهن جو اڻ سڌن لفظن ۾ نگران وزيراعظم اظهار پڻ ڪيو آهي؟. ان حوالي سان ڪالهه سنڌ جي معدني وسيلن جي وزير مير خدا بخش مري چيو آهي ته ملڪ معاشي خساري ۾ آهي جيڪڏهن اسان معدني وسيلن کي استعمال ۾ آڻيون ته ملڪ جي معيشت کي تمام گهڻو سهارو ملي سگهي ٿو هن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سڄي سنڌ جو دورو ڪري معلوم ڪندس ته ڪهڙا معدني وسيلا ڪهڙي علائقي ۾ آهن ۽ انهن جو معيار مقدار ۽ تناسب ۽ مارڪيٽ جو مالياتي اندازو لڳايو ويندو. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي معدنيات کي ٽين وال ڪرڻ لاءِ شايد ڪي ڪوششون ٻيهر شروع ٿيڻ واريون آهن ۽ ڪارونجهر جبل سميت سنڌ جي سيني معدني وسيلن تي نگران سرڪار پنهنجيون نظرون کپائي ڇڏيون آهن ڏسون ته سنڌ جي نگران سرڪار جون وکون سنڌ لاءِ سڀاڳيون ثابت ٿين ٿيون يا سنڌ جو شعور هڪ ڀيرو ٻيهر وسيلن کي بچائڻ لاءِ اٿي کڙو ٿئي ٿو.

خودڪشيون ڇو پيون ٿين ؟

طفيل مگسي

هن ڌرتي جي گولي تي لکين قسمن جا جاندار رهن ٿا ۽ انهن سمورن جاندارن جي اها ڪوشش هوندي آهي ته اهي زنده رهن ۽ زندگي جي ان سفر کي جاري رکڻ جي لاءِ پنهنجو نسل اڳتي وڌائين. زنده رهڻ جي لاءِ سمورن جاندارن کي توانائي جي حاصلات ۽ فطرت جي سمورين سختين جي خلاف هڪ مسلسل جنگ وڙهڻي پوي ٿي. جيڪا جنگ بقا جي جنگ آهي. جيڪا ڪروڙين سالن کان جاري آهي. زنده رهڻ جي اهائي جنگ انهن جاندارن جي ترقي جو سبب بڻبي آهي. جيڪڏهن حيواني دنيا تي نظر ڊوڙائي وڃي ته اها ويڙهه اسان کي بلڪل چٽي نظر ايندي. جتي خوراڪ جي حاصلات، ٻين جانورن ۽ موسم جي سختين کان بچڻ جي لاءِ سمورا جانور هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا. انساني ترقي جنهن کي انسان جي خدادا صلاحيتن ۽ غير معمولي ڏاهپ جو نتيجو قرار ڏنو وڃي ٿو اصل ۾ زندگي کي قائم رکڻ جي لاءِ سالن جي مسلسل جدوجهد جو نتيجو آهي.

سمورن جانورن کان مادي ۽ ذهني ترقي جي باوجود اڄ انسان جو تمام وڏو انگ بقا جي ان فطري جنگ کي ڇڏي ڪري پنهنجين زندگين کي پاڻ پنهنجن هٿن سان فنا ڪري رهيو آهي. عالمي صحت جي اداري (ڊبليو ايڇ او) جي مطابق دنيا ۾ هر 40 سيڪنڊ ۾ هڪ شخص خودڪشي ڪري ٿو ۽ اهو انگ ڪنهن به جنگ يا قدرتي آفت ۾ مرڻ وارن جي انگ کان تمام گهڻو آهي. ان ۾ نشو، انفرادي دهشتگردي ۽ ٻين فطري طريقن سان جان وڃائڻ وارا پڻ شامل آهن. جن جو تمام وڏو انگ آهي. ڪرونا وبا ڪانپوءِ خودڪشي ڪرڻ وارن جي انگ ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو آهي. خودڪشي ڪرڻ وارن انهن فردن منجهان اڪثريت اهڙي آهي جيڪا ڪنهن لاعلاج جسماني بيماري جي اذيت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ نه بلڪ ذهني اذيت کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿي.

خودڪشي جهڙي غير فطري عمل جو بنيادي سبب سرمائيداري جو معاشي ڏاڍ، نجي ملڪيت ۽ وسيلن جي اڻبرابري واري ورهاست جي نتيجي ۾ جنم وٺڻ واري طبقاتي ورهاست ئي آهي ته جنهن ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري سميت ٻيون محروميون ۽ مجبوريون انسان کي ان اذيت ناڪ زندگي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. صرف هندستان ۾ هر سال هزارين هاري قرض ادا نه ڪرڻ جي سبب کان خودڪشي ڪري ڇڏين ٿا. ان کان علاوه سموري دنيا ۾ نوجوانن جو تمام وڏو انگ بيروزگاري جي ذلت کان تنگ اچي ڪري خودڪشي ڪري ٿو. منڊي جون انڌيون قوتون جڏهن انسانن جي مقدر جو فيصلو ڪن ٿيون ته انسانن جي تمام وڏي انگ کي زندگي جي حق کان محروم ڪري ڇڏين ٿيون. محنت ڪش طبقي سان تعلق رکڻ وارا فرد پاڻ کي بيوس ۽ لاچار محسوس ڪن ٿا. منڊي جي لهڻ چڙهڻ جي نتيجي ۾ مستقبل جي حوالي کان بي آرامي ۽ زندگي کان ئي مايوس ڪري ڇڏي ٿو. انهن محرومين ۽ مجبورين کان ڇوٽڪارو انفرادي طور تي اڪثريت جي لاءِ موت جي صورت ۾ ئي ممڪن آهي. بقول غالب جي.

قيد حيات وبند غم اصل مين دونون ايڪ هين

موت سي پهلي آدمي غم سي نجات پائي ڪيون.

سرمائيداراڻو نظام نه صرف انسانن جي اڪثريت جو معاشي قتل عام ڪري ٿو بلڪ اهو انسان جي جذبن ۽ احساسن کي قتل ڪري ان کي روحاني غربت ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿو. سرمائيداراڻي پيداواري طريقي جي نتيجي ۾ جنم وٺڻ واري مقابلي بازي، خودغرضي، اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ انسان کي ڪيترن مسئلن کان پريشان ڪري رکيو آهي. انسان معاشرتي حيوان آهي. جيڪو ڪڏهن به اڪيلو خوش نٿو رکي سگهي. اهوئي سبب آهي ته سرمائيداري جي افاديت ۽ مقابلي بازي جي نفسيات انسانن کي پنهنجو دشمن سمجهي ٿو چوته سرمائيداري ۾ اڳتي وڌڻ جي لاءِ ٻين انسانن کي پوئتي ڌڪڻ ضروري آهي. هتي انسان جي ڪاميابي جي لاءِ ٻين انسانن جي ناڪامي لازمي آهي. محنت ڪش جي محنت جو استحصال ڪرڻ بنا ڪو انسان امير نٿو ٿي سگهي. هن نظام ۾ هر تعلق، هر رشتو لالچ ۽ خودغرضي ۽ مفادن تي مشتمل آهي. نظام زر ڪاميابي ۽ خوشي جو اڪيلو ذريعو پئسن جي حاصلات آهي. پئسي جي ذريعي حاصل ٿيڻ واري خوشي نهايت مصنوعي ۽ عارضي هوندي آهي. ناڻي جي حاصلات جي ڊوڙ انسان کي وحشي ۽ درندو بڻائي ڇڏي ٿي. بيرحم استحصال جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ واري مادي دولت ۾ انسان جي روحاني غربت جو خاتمو نٿي ڪري بلڪ ان ۾ وڌيڪ واڌارو ڪري ٿي. جنهن جو خاتمو سرمائيدار حڪمران طبقو صدقن وخيرات سميت فلاحي ڪمن جي ذريعن سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو روحاني سڪون جي لاءِ حڪمران طبقي جا فرد نشي ۽ تصوف جي پاسي لاڙو ڪن ٿا. جڏهن اتي به سڪون نٿو ملي ته موت ۾ پناه تلاش ڪن ٿا. ان نظام ۾ سرمائيدار حڪمران طبقو به پاڻ ناڻي جي گهرجن جو غلام آهي.

خودڪشي جو هڪ تمام وڏو سبب ان نظام جي پيداڪيل بي مقصديت آهي. انسان کي پنهنجو وجود بيڪار لڳڻ لڳي ٿو هن کي زندگي ۾ ڪو اهڙو مقصد نٿو ملي. جنهن جي لاءِ هو زنده رهي. سرمائيداري انسان کي ان تخليقي عمل کان ويڳاڻو ڪري هن کان خوشي ۽ زندگي جو مقصد ڇني ورتو آهي. اڳ ۾ انسان کي مختلف شيون ٺاهي خوشي حاصل ٿينديون هيون. محنت ڪش طبقو پنهنجيون ئي ٺاهيل شيون نٿو وٺي سگهي. ائين هو ان نظام جي ڪوڙين خوشين کان محروم ٿيئي ٿو جيڪا شين کي حاصل ڪري ٿيئي ٿي. مارڪس محنت ڪشن جي ان نفسياتي ڪيفيت کي ويڳاڻپ واري فلسفي ۾ وضاحت سان پيش ڪيو آهي.

هونئن ته ويچهو انسان جون صفتون ئي اهڙيون آهن جيڪي هن کي ٻين حيوانن کان ممتاز ڪن ٿيون. هن جو با اختيار ۽ شعوري تخليقي عمل آهي. جنهن جي ذريعي هو پنهنجي ذات جو اظهار ذات جي جوڙجڪ ۽ پورائو ڪري ٿو محنت انهيءَ اظهار ذات ۽ ذات جي پورائي جو هڪ وسيلوئي آهي. انساني محنت هن کي ٻين حيوانن کان الڳ بحيثيت انساني نوع جي تسليم ڪرائڻ جو عمل آهي. سرمائيداراڻي نظام ۾ اهو تخليقي انساني عمل سرمائيدار جي قبضي ۾ هليو وڃي ٿو سرمائيداري ۾ مزدور جي حيثيت مشين جي پرزي کان وڌيڪ ناهي ۽ مزدورن جي چرپر به ميڪانڪي طرز جي هوندي آهي. ان لاءِ هن کي پنهنجي ڪم سان ڪا دلچسپي نٿي رهي.

اهوئي سبب آهي ته انسان جي اڪثريت يعني محنت ڪش، پنهنجي محنت ۽ محنت جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري پيداوار کان ويڳاڻپ ٿي وڃي ٿي. چو ته محنت ڪش جي محنت ان جي پنهنجي ملڪيت ناهي هوندي بلڪ ان جي ذات کان خارج شيءِ بڻجي وڃي ٿي. جنهن تي سندس ڪو اختيار ناهي هوندو. محنت کان جيڪي ڪجه پيدا ٿيئي ٿو اهو به سرمائيدار جي ملڪيت هوندو آهي. جن پيداواري اوزارن جي تحت هو محنت ڪري ٿو اهي به سرمائيدارن جي ملڪيت هوندا آهن. محنت ڪش جي پيداوار ۽ ٻين انسانن کان ويڳاڻپ جي نتيجي ۾ انسانن کان ويڳاڻپ جي نتيجي ۾ انسان جي محنت ڪرڻ ۽ زنده رهڻ جو اڪيلو مقصد پيٽ پرڻ ۽ ٻار پيدا ڪرڻ رهجي وڃي ٿو. اهائي ويڳاڻپ انسان جي پنهنجي زندگي کان بيزاري ۽ سماج کان لاتعلقي ڪان ٿيئي ٿي. سماج دشمن ۽ ديوانگي جي حد تائين وڃي سگهي ٿي. جتي انسان نه صرف خودڪشي جي ذريعي پنهنجي جان وڃي ٿو بلڪ خودڪش بم ڌماڪن ۽ ٻين دهشتگرد ڪاروائين جي ذريعي انسان جون زندگيون وٺڻ کان به پاسو نٿو ڪري.

جيستائين غير انساني ۽ غير فطري سماج موجود آهي. انساني زندگي ائين ئي اذيت جو شڪار رهندي. انهيءَ ريت انسان موت ۾ زندگي ۽ قبر ۾ سڪون تلاش ڪندو رهندو. ان نظام جي جبر کان ڇوٽڪاري جو انفرادي حل اڪثريتي انسانن جي لاءِ خودڪشي آهي. ليڪن ڪروڙين انسان گڏيل خودڪشي نٿا ڪري سگهن. محنت ڪش بقا جي فطري جدوجهد ڪندي انقلاب جي وسيلي ان نظام جوئي خاتمو ڪري ڇڏيندا. جيڪي انسانن کي غير فطري موت ڏئي رهيو آهي. تاريخ اهڙن انقلابن سان ڀري پئي آهي. جڏهن ڪو نظام اڪثريتي انسانن جي لاءِ برداشت جي قابل نه ٿي وڃي محنت ڪش عوام ان کي پاڙ کان پٽي ڦٽو ڪن ٿا. اڄ سرمائيداراڻو نظام به اڪثريتي انسانن جي لاءِ ناقابل برداشت ٿي ڪري رهجي ويو آهي. نفعو خوري ۽ خودغرضي تي مشتمل نظام کي شڪست ڏئي ڪري ئي انسانن کي اڪيلائي، ويڳاڻپ ۽ مايوسي جي چڪڻ کان ڪڍي سگهجي ٿو. سوشلسٽ انقلاب جي وسيلي نجي ملڪيت جو خاتمو ڪندي ئي انساني زندگي هر منڊي جي بي رحم قوتن جي بجاءِ انسانن جو پنهنجو اختيار قائم ڪري سگهجي ٿو جتي انساني تخليقي عمل ان جي مجبوري نه بلڪ شوق هوندو. جتي زندگي تي موت ۽ حال تي ماضي نه هجي.

ملفوظات سيد محمد راشد روزي ڌڻي رحمة الله عليه

نقل: جامع ملفوظات رحمت الله عليه چوي ٿو ته هيڪر مون سنڌن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! اوهين هن ضعيف کي دنيا جو تارڪ سڏيندا آهيو. حالانڪ اناج جا ڍڳ وغيره مال ۽ اسباب ڪوڙ مون فقير جي ملڪيت ۾ آهن. پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته انهي مال اسباب ۾ تنهنجو سعيو ۽ اختيار ڪو به ڪونهي تنهنڪري تون ان کان فارغ دل ۽ تارڪ آهين:

چيست دنيا از خدا غافل بدن ني قماش ونقره و فرزند وزن

(جلد پهريون صفحو نمبر 374)

ڀڙهو جو پاپن جو!!

سيد غلام حيدر شاه قلندري

گوڙها تڏهن ٿا ڳڙن جڏهن ڳالهيون به ڳريون ٿيون ڳايئجن. اڏام ڪتولين کان چيئرلفٽ تائين پهچندڙ هي قوم، وقت به وقت جهٽڪا جهٽڪن جهڙا ٿي جهلي. ڪڏهن ننڍڙا ٻارڙا استاد سميت چيئرلفٽ ۾ اسڪول ويندي ويندي نه زمين نه آسمان وچ ۾ اٽڪيو وڃن ٿا. هڪ ازل جو خوف ڀيو سيءُ بارش جو الڪو. شاباش انهن جي مائٽن، استادن ۽ چيئرلفٽ جي مالڪن کي هجي جيڪي اهڙن هاڃن مان پار ڪري معصومن کي تعليم تائين رسائين ٿا. جيتوڻيڪ اها ڪا نئي ڳالهه ناهي. اسان جي ڀهراڙيءَ وارن ڳوٺن جا ٻارڙا واهن ۽ شاخن واٽرن تي رڪيل نازڪ ڪاٺ تان گذريو اسڪول تا پهچن. ارٻن ڪرين جي بجيٽ وارا انگ اکر ٻڌيو ٻڌيو ڪنن کي تاڪ چڙهيو وڃن. پر ڀهراڙيءَ جا رستا ۽ پلون جيڪي ڪاغذن ۾ ڪارپيٽ بڻيل آهن. جڻ اسي واري ڍاڪي واري عورت بيوٽي پارلر مان ڪنوار ٿي نڪتي هجي. باقي ميدان تي درويش سائين واري رستي وارو حال جيڪڏهن هلبو ته بوٽ ۽ چپل ته ڀهرئين ڏڪ ۾ ڦاٽي ئي ڦاٽي پر پيرن جون ڪڙيون ئي لهيو پون.

تولو کي جڏهن مولو چيو ته. تو وارو ڪاڪو قادن قاضي کي ته پيرين پيادل ان روڊ تان آٽيس. جنهن کي ڪاغذن ۾ ڪيترائي دفعا ٺهرائي رقم هڙپ ڪري ويو آهي. ۽ وئي وجيس ان ڪاٽ تي جيڪو واهه تي رڪيل آهي جتان معصوم ٻارڙن جو گذر آهي. تقرير ۾ ڪاڪو قاضي قادن چوندو آهي ته اسان ٻارڙن لاءِ وڏيون درس گاهون ٺاهيون آهن پر سندس اسڪول ۾ چيلا قرباني وارن جون رڙيون لڳيون پيون آهن جڻ ڪو واڙو مال وارو هجي، پنهنجا چمڪيل بوٽ نه ان روڊ رستن تي هلن جيڪي حرام جي مال ۾ لکن جا آهن. پر گاڏي به جيڪا ڪروڙن جي آهي اها به لنگهي ته وڏي قرباني سمجهون. وقت قريب نظر پيو اچي جڏهن اهڙا قاضي قادن ائين ڦاسندا جيئن چيئرلفٽ ۾ ٻارڙا ڦاٿا. پر شاباش اسان جي ڪمانڊوز ۽ انهن جي تربيت کي سلام هجي جن جان جوکي ۾ وجهي سڀ حياتيون بچائي ورتيون. پرهتي وري اهڙائي تربيت يافته ڪمانڊوز گهرجن جيڪي وڏي ڦڙتي سان ڪاڪي قاضي قادن کان قبائيل رقم رسيو ڪري ڀهراڙيءَ جي هزارين ٻارڙن سميت مسڪينن کي بچائين. ڪاڪو قاضي قادن عوام جي خوف کان قبر به هاٿي بنگلي ۾ جوڙائيندو ٻاهر قبر ۾ عوام ڪون ڇڏيندي.

بس درويش اڄ صفا تيش ۾ اچي ويو. مولو گلاس متي واري پاڻي جو پياري چيائين سائين پاڻي ته. ڪاڪي قاضي قادن وارو اهڙو ته صاف آهي جو ڇا چئجي. اوهان وٽ ته ڳندي ۾ رڳو متي پئي اڏامي. بس درويش وري به شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شعر پڙهيو.

ڀڳم عَهدَ الله جا، ڪَجُ ڪَمايُمِ ڪُوڙُ،

ڀِڙهو جو پاپن جو، سو چوٽِيءَ تائين چُوڙُ،

مَعلُومُ اَٿئِي مُورُا، ڳُوڙهوانهِينءَ ڳالهه جو.

اسان کي الله سائين سان قول پارڻا آهن. ان کي اسان جي حال جي خبر آهي. ضرور دير آهي پر انڌير ناهي. انصاف ٿيڻو آهي هن عوام معصوم جو جيڪا چيئرلفٽ جي ڪريشن ۾ لٽڪي پئي. ريسڪيو آپريشن ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. اونده به آهي روشني به ناهي رات به ٿي ويئي آهي. ڏينهن گم ٿيندو پيو وڃي. بس جلدي ڪري معصومن کي آزاد ڪرائڻو آهي. ضرورت وقت آهي. نه ته لٽڪي لٽڪي ازل جي طرف هليا نه وڃن ضرور رحم وارا ايندا. انشاءالله.

بقايا 01

ڪميٽي ۾ ڳالهائيندي زبير امجد ٽوانا چيو ته اداري لاءِ ممڪن ناهي ته ايف بي آر جا سڀني 25000 ملازمن جا اثاثا چيڪ ڪري سگهي، مقرري ۽ ترقي جي موقعي تي ملازمن لاءِ لازمي آهي ته اهي پنهنجا اثاثا ظاهر ڪن. سينيٽر ڪامل علي آغا چيو ته ايف بي آر 25 هزار ملازمن جا اثاثا چيڪ نٿو ڪري سگهي ته 25 ڪروڙ ماڻهن جا اثاثا ڪيئن چيڪ ڪندو؟7

بقايا 02

ٽڙپندا رهيا، صبح 8 وڳي حيدرآباد کان نئي ايندڙ مسافر وين تيز رفتاري سبب جهرڪ لڳ نئو حيدرآباد قومي شاهراهه تي بسم الله چوڪ وٽ سامهون ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت 7 مسافر ڏنڌي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته 15 مسافر زخمي ٿي پيا فوتين جي سڃاڻپ شهدادڪوٽ واسي 25 ورهين جي نادر علي بروهي، ڪوٽڙي واسي 33 ورهين جي وين ڊرائيور غلام حسين ميمڻ، غلام الله واسي 56 ورهين جو مختيار علي، پنجاب جي نودران جو رهواسي 17 ورهين جو نوجوان محمد عليئن، نيشنل بئنڪ مڪلي جي آپريشنل مئنيجر ذوالفقار علي راڄپر ۽ حيدرآباد واسڻ عورت حاجران ڌيءَ سلمان راهوجو طور ڪئي وئي جڏهن ته هڪ فوتي جي سڃاڻپ نه ٿيڻ ڪري ان جو لاش اڃا تائين جهرڪ اسپتال ۾ پيل آهي. حادثي بعد هڪ ڪلاڪ تائين 1122 ايمبولينس سروس سميت ريسڪيو ٽيمون بروقت نه پهچڻ ڪري هڪ ڪلاڪ تائين زخمي واقعي واري هنڌ تڙپندا رهيا ۽ فوتين جا لاش به پيل رهيا ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ ريسڪيو ٽيمون پهتيون پران کان اڳ زخمين کي مقامي ماڻهن مختلف خانگي گاڏين ذريعي جهرڪ رورل سينٽر منتقل ڪيو زخمين ۾ نئي جي سرگرم سياسي سماجي عورت اڳواڻ راحيلا پٿو، نورجهان، غلام مصطفيٰ، عزيزان، صابر علي، شعبان، قربان علي، سڪندر ملاح، ڪريم بخش خواجه ۽ ٻيا شامل آهن. خوفناڪ حادثي باوجود نئي جي ضلعي انتظاميه جو ڪوبه عملدار حادثي واري هنڌ توڙي اسپتال نه پهتو ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد نگران وڏي وزير رجسٽس مقبول باقر چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم پاران واقعي جو نوٽيس وٺي رپورٽ طلب ڪرڻ ڪانپوءِ انتظاميه حرڪت ۾ آئي ٻئي طرف چيف سيڪريٽري پاران ڊي سي ٺٽو کان خوفناڪ وين حادثي بابت رپورٽ طلب ڪئي وئي، هوڏانهن حادثي ۾ فوت ٿيل 7 فوتين مان سڃاڻپ بعد 6 فوتين جا لاش سندن وارث پنهنجي پنهنجي علائقن ڏانهن کڻائي روانا ٿيا. جڏهن ته زخمين کي جهرڪ اسپتال مان طبي امداد ڏيڻ بعد نئو ڪراچي حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان جي اسپتالن ڏانهن روانو ڪيو ويو. شاهدن موجب حادثو وين جي تيز رفتاري سبب پيش آيو حادثي ۾ وين ڊرائيور غلام حسين ميمڻ به ڏنڌي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٽرڪ ڊرائيور حادثي بعد ٽرڪ ڇڏي فرار ٿي ويو جهرڪ پوليس ابتدائي رپورٽ درج ڪري ٻنهي گاڏين ٽرڪ ۽ وين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

بقايا 03

هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا گولين لڳڻ ڪري چار مسافر زخمي ٿي پيا، زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڳڻتي جوڳي حالت هجڻ سبب زخمين کي رحيم يار خان منتقل ڪيو ويو. هٿياربندن پاران مسافرن تي سڌي فائرنگ ڪري مسافرن کان لکين روپيا ڦر ڪيا ويا آهن واقعي ڊيرا سرڪي پوليس ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو آهي هٿياربندن جي ٽولي بلوچستان کان پنجاب ويندڙ ڪوچ مٿان سڌي فائرنگ ڪئي وئي گولين لڳڻ ڪري غلام رسول ظهير سميت چار ڄڻا زخمي ٿيا، مسافر ڪوچز جا ٽائر برسٽ ڪيا ويا. ايندڙ ويندڙ مسافر ڪوچن کي روڪي مسافرن کي يرغمال بڻائي مسافرن کان لکين روپيا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪيو ويو آهي. واقعي بعد جوابدار آساني سان فرار ٿي ويا. علائقي واسين ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جو چوڻ آهي ته پوليس پڪٽ سامهو هجڻ جي باوجود به ڌاڙيل بغير خوف جي پوليس جي سامهو ماڻهن کان ڦرلٽ ڪئي پوليس تماشو ڏسندي رهي پر جوابدارن خلاف ڪاروائي به نه ڪئي، متاثر ٿيل ماڻهن جو چوڻ آهي ته اسان کان ٿيل ڦر لٽ جو نوٽيس وٺي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 04

اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهتي جنهن بعد فوتي شخص جي سڃاڻپ 47 ورهين جي منور علي ولد مير حسن ملڪ طور سڃاڻپ ڪئي وئي سڃاڻپ بعد فوتي جو مڙهه ايڌي ايمبولينس ذريعي وارثن حوالي ڪيو ويو سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او غلام حيدر پروهي جو چوڻ هو ته فوتي نشي جو عادي هو جيڪو شايد گهڻو نشو واپرائڻ سبب فوت ٿيو آهي. مائٽ بغير پوسٽ مارٽم جي لاش گهر کڻائي ويا.

بقايا 05

واري وزير خدا بخش مري سنڌ جي معدنيات نيلام ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير خدا بخش مري چيو ته معدني وسيلن جي فائدن بابت عوام کي خبر ناهي، ملڪ ڪرائيسز ۾ آهي، اسان جي مُلڪ ۾ وسيلا آهن، وسيلا استعمال ڪرڻ سان وڏي سپورٽ ملي سگهي ٿي، نگران صوبائي وزير موجب ريتي بجري، چونا پٿر، ماربل، سليڪا ۽ گرينائيٽ سميت قيمتي معدنيات وسيلا آهن، صوبائي وزير خدا بخش مري چيو ته 27 معدنيات موجود آهن، جتي به منرل آهن، انهن جي سروي ڪئي ويندي، سروي بعد اهو اندازو لڳائي سگهبو ته ساليانو ڪيترو ڪمائي سگهبو، سنڌ ۾ موجود معدنيات ڪڍي ايڪسپورٽ ڪري جهجهو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

بقايا 06

وڪيل عبدالرزاق شر قتل ڪيس ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي نامزدگي جي ٻڌڻي ۾ چيو ته چيئرمين تحريڪ انصاف کي گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم برقرار رهندو. چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني خصوصي بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي جي موقعي تي عدالت ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي وڪيل لطيف کوسه چيو ته پوئين ٻڌڻي ۾ بدنظمي ٿي ان تي عدالت صبر جو مظاهرو ڪيو اڄ شڪر آهي جو پرسڪون ماحول آهي عدالت ۾ جسٽس جمال مندوخيل چيو آهي ته هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ڇا توهان شامل تفتيش آهيو هاڻي ڪنهن کي طئي ڪرڻو آهي ته شامل تفتيش ٿيندي يا نه لطيف کوسو چيو ته مون کي شامل تفتيش ٿيڻو نه آهي چيئرمين پي ٽي آءِ تي دهشتگردي جي قلم نه لڳندا جي آءِ ٽي ۾ ايم آءِ ۽ آءِ ايس آءِ جا آفيسر آهن اتي پيش نه ٿيندا سين. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته هن ڪيس ۾ ٻيا ڪي سوال اسان سوچي رکيا آهن شڪايت ڪندڙ جي غير موجودگي ۾ ڪيس نٿا ٻڌي سگهون. عدالت وڪيل امان الله ڪنراڻي جي پٽ جي طبيعت جي ناسازي تي عدم پيشي تي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي، وڪيل لطيف کوسو عدالت سان ڪيس جلد ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جي استدعا ڪئي جنهن تي سپريم ڪورٽ طرفان چيو ويو ته ڪيس کي عدالتي موڪلن کان پوءِ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو ويندو.1

بقايا 07

۾ پيءُ غيرت جي نالي تي ڌيءُ جو قتل ڪري لاش دفنائي ڇڏيو پوليس مطابق اسد علي نالي شهري پنهنجي زال ثميره جي گمشدگي جي حوالي سان پوليس کي آگاهه ڪيو پوليس مطابق اسد ثميره جي والد محمد کي به ٻڌايو جنهن تي محمد ۽ ٻين مائٽن ان کي ڳولڻ شروع ڪيو ان دوران اسد کي خبر پئي ته محمد ثميره کي ڳولي ورتو ۽ پنهنجي گهر وٺي ويو آهي جنهن تي هن پڇا ڪئي ته مجرم ڪجهه نه ٻڌايو جنهن کان پوءِ اسد پوليس کي سڄي واقعي کان آگاهه ڪيو جنهن تي پوليس محمد کي حراست ۾ وٺي پڇا ڳاڇا ڪئي ته هن ٻڌايو ته اڄرجي ڏينهن ثميره کي گهر آندو هو ۽ رات جوئي ڪهاڙين جا وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن بعد لاش ويجهي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو آهي. پوليس ملزم کي گرفتار ڪيو ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري ڪئي آهي تفتيشي اهلڪارن مطابق ثميره جي مڙس واقعي جو ڪيس گذريل ڏينهن درج ڪرايو هو عدالتي حڪم تي قبرڪشائي ڪري لاش برآمد ڪيو ويندو.1

بقايا 08

پاڪستان جي قيمتي زمين تي غيرقانوني قبضن ۾ اڳوڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر خيرپور سيد اڪبر علي شاهه خلاف نوٽيس وٺندي پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن اسلام آباد جي ايڊمن مئنيجر هڪ ليٽر جاري ڪندي ريڊيو پاڪستان خيرپور جي زمين تي قبضن جي جاچ لاءِ ڪاميٽي جوڙي ڇڏي آهي، جاچ ڪاميٽي جو چيئرمين ملتان ايف ايم جي ڪنٽرولر رياض محمد مئلسي کي چيئرمين ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي اسٽيشن ڊائريڪٽر عابد ڪاظمي کي ميمبر مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جاچ ڪاميٽي کي 10 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته اڳوڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر سيد اڪبر شاهه مٿان خيرپور ۾ ريڊيو پاڪستان جي سرڪاري ملڪيت واري زمين تي قبضن ، زمينون ٺيڪي تي ڏيڻ، سرڪاري زمين تي غيرقانوني بورينگ لڳرائڻ سميت ٻيا الزام هيا، جنهن بعد اڪبر شاهه کي معطل ڪري اسٽيشن ڊائريڪٽر خيرپور جي چارج مصرت منگي حوالي ڪئي وئي هئي.

بقايا 09

ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان خميسو ولد بصر گولي لڳڻ سبب مارجي ويو، فوتي جي لاش کي تعلقا اسپتال شيخ زيد آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، ٻهارا پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي.

بقايا 10

لٺين لٽن مکن جو آزادانه استعمال ٻنهي ڌرين جا 7 ماڻهو زخمي هڪ ڄڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جنهن کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو پوليس بروقت پهچي ٻنهي ڌرين جا ماڻهو گرفتار ڪري ڪنٽرول سنڀالي ورتو. تفصيل موجب ڪوٽڙي سائيٽ خدا جي بستي 3 نمبر اسٽاپ تي معمولي ڳالهه تان مهيسر ۽ پڳتي برداري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين، لٽن، مکن جي استعمال ۾ ٻنهي ڌرين جا 7 ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن جنهن ۾ غلامصفا مهيسر ۽ مولابخش بروهي تمام گهڻا زخمي ٻڌايا پيا وڃن جنهن ۾ مولا بخش بروهي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جنهن کي حيدرآباد جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي خدا جي بستي پوليس بروقت پهچي ٻنهي ڌرين جا ماڻهو گرفتار ڪري جهيڙي تي ڪنٽرول سنڀالي ورتو ۽ ڪيس داخل ڪري جوابدار لاڪپ ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 11

ذريعي سمس اسپتال آندو، جتي لاش کي مرده خاني ۾ سڃاڻپ لاءِ رکرايو ويو، پوليس جو چوڻ آهي ۽ سندس هٿ پير ٻڌل آهن، لڳي ٿو ته هن اڻ ڄاتل شخص کي قتل ڪري جام برانچ ۾ اڇليو ويو آهي. جيڪو سڃاڻپ جي قابل ڪونهي، رپورٽ داخل ڪري جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 12

لعل ڏنو اڄڻ واسي پورهيت لعل بخش جو 12 ورهين جو نينگر محمد بچل اڄڻ گيسٽرو وگهي فوت، مختلف علائقن ۾ ڪيترائي مرد، عورتون ۽ معصوم ٻار مليريا بخار ۽ گيسٽرو ۾ ونجي ويا آهن. اسپتالن ۾ صحت جي سهولتن جي کوٽ سبب خطرناڪ بيماريون تيزيءَ سان پکڙجڻ سبب معصوم ٻارڙن جون حياتيون داءِ تي لڳل آهن جڏهن ته صحت کاتي پاران بيمارين تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي به اپاءَ ناهن ورتا ويا، علائقن واسين صحت کاتي کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بيمارين تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلي علاج جو عمل شروع ڪيو وڃي ته جيئن ضايع ٿيندڙ انساني حياتيون بچي سگهن.7

بقايا 13

پرسان سرحد ويجهو ملتان کان ڪراچي ويندڙ هزاره ايڪسپريس مان نوجوان ڪري فوت ٿي ويو، پوليس مڙهه کڻائي تعلقه اسپتال گهوٽڪي پهچايو، واقعي جي تصديق ڪندي سرحد پوليس جو چوڻ آهي ته بکو مهر ڳوٺ پرسان هي حادثو پيش آيو آهي، جتي نوجوان ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو آهي، پوليس موجب فوتي نوجوان جي کيسي مان هٿ آيل سڃاڻپ ڪارڊ مطابق هن جو نالو محمد فياض پٽ عبدالرزاق آهي، جيڪو اصل ملتان ۽ هاڻوڪو پتو ڪراچي جو آهي، پوليس مطابق ته 35 سالن جي نوجوان جو مڙهه تعلقه اسپتال گهوٽڪي پهچايو آهي.1

بقايا 14

خميس تي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سان ملاقات ڪئي، ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي آءِ جي سنڌ اسٽريٽ ڪرائيمز مطابق سوال تي چيو آهي ته اوهان صبر ڪريو ڪجهه مهلت ڏيو صورتحال ۾ بهتري نظر ايندي اسان پنهنجي پاران ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون چيف جسٽس سان اها ملاقات رسمي هئي امن امان اسان جي پهرين ترجيح آهي ماڻهن کي رليف ڏيڻو آهي پوليس سروس کي بهتر ڪرڻو آهي چئلينجز ته سڀني کي خبر آهن ٻڌائڻ جي ضرورت نه آهي انهن چيو ته صوبي ۾ جڏهن به نئين ڪمانڊ ايندي آهي ته اميد جي توقعات به وڌيڪ هوندي آهي ماڻهن جي اميد آهي ته انهن جي اميد ختم ناهي ڪرڻي سينيئرافسران متعلق سوال تي راجا رفعت چيو آهي ته سينيئر آفيسرن متعلق پوليس جو پنهنجو نظام موجود آهي.1

بقايا 15

۽ سماجي ڀلائي واري کاتي جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن (بي ايم جي ايف) جي سينيئر پروگرام آفيسر پوليو ايرن ملاقات ڪئي ۽ پوليو جي خاتمي بابت قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ملاقات ۾ سيڪريٽري صحت سنڌ سهيل قريشي، بي ايم جي ايف جو انٽرنيشنل ڪنسلٽنٽ احمد علي پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو ته خوش قسمتي سان پوليو هن وقت پاڪستان ۽ افغانستان تائين محدود هو. جڏهن ته پاڪستان ۾ اهو افغان سرحد کان ملڪ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. هن ٻڌايو ته ڪراچي جي 8 يونين ڪائونسلن ۾ پوليو جي خطرناڪ يوسيز آهن، جن ۾ اوڀر ضلعي ۾ گجرو گڏاپ 04، ملير ضلعي جي مظفر آباد ۽ مسلم آباد، ڪيماڙي ضلعي جي بلديا 02، اولهه ضلعي جي سائيٽ 09، يوسي 07 اورنگي ٽائون، منگهوپير يوسي 08 ۽ سونگل 05 شامل آهن جتي آڪٽوبر ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم شروع ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ افغان شهري وڏي انگ ۾ داخل ٿين ٿا ۽ واپس افغانستان به وڃن ٿا جتي هو پوليو جا ڦڙا نه پيارن ٿا، تنهن ڪري پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ انهن کي بارڊر تي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته سنڌ جي گورنر جي منظوري سان جلد هڪ اهڙو ايڪٽ متعارف ڪرايو پيو وڃي جنهن تحت ڪنهن به ماڻهو کي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پوليو جا ڦڙا پيارڻا پوندا. ٻي صورت ۾ کين سنڌ ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو. هن چيو ته ايڪٽ تي عملدرآمد اسان کي قانوني حق فراهم ڪندو جيڪو صوبي مان پوليو جي خاتمي لاءِ تمام ضروري آهي. هن چيو ته هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان کيس ڏک ٿيندو آهي جڏهن عالمي سطح تي پاڪستان ۾ پوليو جو ڪوئي ڪيس ظاهر ٿيندو آهي. ڊاڪٽر سعد خالد نياز صحت کاتي جي سيڪريٽري کي هدايتون ڏنيون ته اهي خاص طور تي سڃاڻپ ٿيل يوسيز جي ماڻهن جو باقاعده ڊيٽا گڏ ڪن. ان کان اڳ سينيئر پروگرام آفيسر (بي ايم جي ايف) ايرن ٻڌايو ته پاڪ افغان سرحد تي پوليو جا ڦڙا پياريا پيا وڃن پر ان هوندي به ماڻهو ويڪسين نه پيا ڪرائين. تازوئي اتر وزيرستان مان پوليو جا ٻه ڪيس سامهون آيا آهن. جيڪا سٺي نشاني نه آهي، اسان وڌ کان وڌ ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته پوليو وائرس کان متاثر ٿيل وڌيڪ ماڻهن جي نشاندهي ڪريون ۽ فرنٽ لائن ڪارڪنن کي به تربيت ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته اسان وٽ ڪيترائي وسيلا ۽ عملو آهي ۽ جلد مفاهمت جي ياداشت ذريعي اڳتي قدم کڻنداسين. ان دوران ٻنهي جي وچ ۾ مستقبل ۾ غذائيت، پرائمري هيلٿ ڪيئر ۽ ٻين پروگرامن تي تعاون وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو.1

بقايا 16

سفارتي ۽ تجارتي تعلقات پاڪستان جي معاشي ۽ ڪراچي جي معيشت ۾ ڪردار ۽ سرمائيڪاري جي موقعي ۽ اهميت جي حامل ۽ ٻين امورن تي تفصيلي اظهار خيال ڪيو. گورنر سنڌ قونصل جنرل ڪراچي ۾ مقرري تي خوش آمد چيو هن چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ مختلف شعبن ۽ اقتصادي تعاون خوش آئيند آهن جڏهن ته صوبي سنڌ ۾ يو ايس ايڊ جي منصوبن سان عوام جي سهولتن جي فراهمي ۾ مدد ملي رهي آهي. ان ضمن ۾ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ يو ايس ايڊ جي تعاون لائق تحسين آهن آمريڪي قونصلر جنرل چيو آهي ته آمريڪي سرمائيڪار مختلف شعبن ۾ سرمائيڪاري ۾ ڀرپور دلچسپي ڏيکاري رهيا آهن.1

بقايا 17

فروغ ۾ نيشنل اسڪلز يونيورسٽي اسلام آباد جو ڪردار قابل تعريف آهي. هو خميس تي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر سان افتتاحي ميٽنگ جي دوران ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا وفاقي وزير تعليم هنرمندي جي تعليم جي لاءِ نيشنل اسڪلز يونيورسٽي اسلام آباد جي تعريف ڪئي انهن چيو ته اسان کي سڄي ملڪ جي عوام کي روزگار ڪمائڻ جي صلاحيتن جي تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي قومي خوشحالي جو حتمي حل نوجوانن کي انهن تمام ضروري مهارتن ۾ آراسته ڪرڻ ضروري آهي جيڪي اندروني ۽ بيروني ملڪن جي اجر تلاش ڪندا آهن انهن چيو آهي ته اهم ڳالهه اها آهي ته سڄي ملڪ ۾ نيشنل اسڪل يونيورسٽي اسلام آباد جي تيار شده هنر جي تعليم کي ماڊل ڪولابو ڪرڻ جي ضرورت خاص طور تي ڳوناڻي تعليم ۽ ٻين صوبن جي پري جي علائقن کي گهڻو فائدو ٿي سگهي ٿو. نيشنل اسڪلز يونيورسٽي جي تعليم حڪمت عملي کي نافذ ڪيو ويندو ته هنرمندي جي تعليم تي تعليم جي رسائي ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد مختيار افتتاحي ميٽنگ جي دوران پرو چانسلر جي تعريف ڪئي. بريفنگ سيشن ۾ وزير تعليم يونيورسٽي طرفان پيش ڪري مختلف هنرمندي سيکارڻ واري پروگرام ۾ گهري دلچسپي ورتي ۽ پنهنجا مشورا ڏنا پروفيسر مختيار چيو آهي ته پرو چانسلر جي علمي بصيرت ٻين علائقن جي نوجوانن جي مسئلن جا بهتر شخصيت ۽ قومي تعليمي نظام کي اڳتي وڌائڻ ۾ بي حد فائيدمند ثابت ٿيندو.

بقايا 18

سبب شهر ۾ خوف وحراس ڇانئجي ويو. واقعو ذاتي دشمني ٻڌايو پيو وڃي، پوليس، رپورٽ موجب راڻي پور جي گمبٽ موڙ مين چوڪ تي فروٽ جو گاڏو هلائيندڙ 35 سالہ نوجوان غلام مصطفيٰ مگسي کي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن سڌيون گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا، گوليون هلڻ سبب آسپاس ۾ ڍڪاءَ پکڙجي ويو، جڏهن ته قتل ٿيل نوجوان کي اتي موجود ماڻهن ۽ سامهون بيٺل پوليس اهلڪار شديد زخمي حالت ۾ کڻائي اسپتال آندو پرهو اڳ ۾ ئي دم ڏئي چڪو هو، جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. جيڪي لاش کڻائي آبائي ڳوٺ روانا ٿي ويا. جڏهن ته قتل ٿي ويل نوجوان جو تعلق شهدادڪوٽ شهر سان ٻڌايو پيو وڃي. جيڪو ٻه مهينا اڳ راڻيپور لڏي آيو هو. پوليس موجب ته اهو واقعو پراڻي دشمني لڳي رهيو آهي. جڏهن ته اسان ان واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪريون رهيا آهيون. آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهيو آهي.

بقايا 19

روڊ ڪراس ڪندي تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر سبب زخمي ٿيو هو جنهن کي همدرد جي ريسڪيو ٽيم نوابشاه اسپتال پهچايو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ٻيو نوجوان شهريار ڪيريو جيڪو رات موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿيو هو جنهن کي همدرد فري ايمبولينس ذريعي اسپتال پهچايو ويو سو پڻ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي ٻنهين فوتين جا لاش ضروري ڪاغذي ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا آهن.

بقايا 20

گهر پرسان گٽر نالي ۾ ٻڏي ويو جڏهن ته ٻارڙي کي پاڙيسري ٽنڊوالهيار جي سرڪاري اسپتال ۾ کڻائي آيا جتي موجود ڊاڪٽرن پاران ٻارڙي جو فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي جڏهن ت فوت ٿيل ٻارڙي جو والد رٽائر فوجي آهي جيڪو ٽنڊوجام خانگي بئنڪ ۾ ملازم آهي جڏهن ت ٻارڙي جي موت جو ٻڌڻ تي سندس والده کي بيهوشي جا دورا گهر ۾ ڪهرام متل جڏهن ت ٻارڙي جو مڙهه سندس وارث ابائي ڳوٺ مبارڪ جروار کڻائي ويا.

بقايا 21

جي حفاظت ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڌاڙيل وڊيو بيان ۾ صحافين ۽ فاطمه ڦرڙو جي وارثن کي ڌمڪيون ڏيندي چيو ته ڪنهن به راڻيپور جي پيرن جو نالو کنيو ته انهن جو خير ناهي، سخت نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. اهڙو بيان اچڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ حيرت جي لهر پکڙجي وئي، جڏهن ته خيرپور جي صحافين ڌاڙيلن کان نه ڏڄندي حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ، فاطمه ڦرڙو ڪيس جي ڪوريج کي ڀرپور نموني جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

بقايا 22

گفتگو ڪندي چيو ته پاڪستان طئي ڪيو هو ته سمورا حڪومتي ادارا ناڻي واري وزارت جي ماتحت ڪم ڪندا، سڌارن وقت حڪومت اهو شرط مڃيو هو هن چيو ته پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ لاءِ اڳ کان طئي سڌارن تي عمل ڪرڻو پوندو، ٻين گورننس ۽ نجي شعبي جي سڌارن تي به عمل ڪرڻ ضروري آهي. سندس موجب اهو چوڻ ڏکيو آهي ته 2024 تائين موجوده اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ تي عمل ٿيندو يا نه؟

بقايا 23

يقيني بڻايو وڃي ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته وڏي وزير جسٽس باقر صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد نياز سان زندگي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ ۽ مارڪيٽ ۾ غير معياري دوائن بابت گردش ڪندڙ خبرن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته صحت کاتو دوائن جي ذخيرو ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف مهم شروع ڪندو ۽ ان کان علاوه صحت کاتو انهن مينوفيڪچرز/ڊيلرن توڙي دڪانن تي جيڪي غير معياري دوائون ٺاهين ۽ وڪرو ڪندا انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جسٽس باقر جو چوڻ هو ته معصوم ماڻهن جي زندگين سان کيڏيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، سنڌ جي وڏي وزير صحت واري وزير سان ڊينگي ۽ مليريا جي مسئلي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي، ٻنهي پروگرامن کي وڌيڪ فعال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ مڪاني ادارن واري کاتي کي هدايت ڪئي وئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل علائقن ۾ مڇرمار اسپري شروع ڪن. جرڳو: سنڌ جي وڏي وزير اوباوڙو ضلعي گهوٽڪي ۾ پيار جي شادي جي پراڻي تڪرار جي حل لاءِ ٿيل جرڳي جو نوٽيس ورتو جنهن ۾ نابالغ نياڻي کي مخالف ڌر سان شادي ڪرڻ جي سزا ٻڌائي وئي، نگران وڏي وزير جي هدايت تي گهوٽڪي پوليس ٻن جوابدارن ناصر ۽ مدد پتو کي گرفتار ڪري ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن. روڊ حادثو: وڏي وزير جهرڪ_ملان ڪاتيار پل وٽ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا فوت ٿيڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته متاثر خاندانن جي مدد ڪئي وڃي ۽ زخمين کي مناسب علاج فراهم ڪيو وڃي. مسافر بس تي فائرنگ: وڏي وزير پنجاب ويندڙ مسافر بس تي فائرنگ جي واقعي تي ڏک جو اظهار ڪيو جنهن ۾ 4 مسافر گولين لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا. سنڌ جي وڏي وزير ڊي آءِ جي حيدرآباد کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي علائقي ۾ امن امان برقرار رکي ۽ جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي. ڪانسٽيبل جو قتل: سنڌ جي وڏي وزير پاڪ ڪالوني ۾ پوليس ڪانسٽيبل جي مقابلي ۾ مارجي وڃڻ جو نوٽيس وٺندي آءِ جي پوليس کي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، هن آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيفرڪردار تائين پهچايو وڃي.

بقايا 24

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ توشا خانا فوجداري ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا خلاف اپيل ۽ سزا معطلي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل سردار لطيف کوسا عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران لطيف کوسا چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڪنهن آفيسر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو مجاز قرار ڏئي سگهي ٿي، ان ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو چيو، هن چيو ته اليڪشن ڪميشن چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ 4 ميمبرن تي ٻڌل هوندي آهي، رڪارڊ ۾ اليڪشن ڪميشن جو ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو ڪو اجازت نامو ناهي، ان تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز چيو ته اليڪشن ڪميشن جو اجازت نامو رڪارڊ ۾ موجود آهي، جنهن تي لطيف کوسا چيو ته اها اجازت اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري طرفان ڏني وئي آهي، چيف جسٽس تحريڪ انصاف چيئرمين جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته توهان چئي رهيا آهيو اليڪشن ڪميشن جو ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو اجازت نامو قانون موجب ناهي؟ جنهن تي لطيف کوسا چيو ته بلڪل اهو اجازت نامو درست ناهي، لطيف کوسا چيو ته ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي آرڊر کي به نظرانداز ڪيو، ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف اسان جي اپيل منظور ڪئي ۽ هاءِ ڪورٽ درخواست ٻيهر فيصلو ڪرڻ لاءِ ٽرائل ڪورٽ کي موڪلي، لطيف کوسا اپيل ڪئي ته تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا معطل ڪئي وڃي، سزا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي اپيل تي دليلن لاءِ اسان ٻيهر عدالت سامهون اينداسين. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اپيل ۾ رياست کي ڌر نه بڻائڻ تي اعتراض اٿاريو، جنهن تي چيف جسٽس چيو ته شڪايت ڪندڙ اليڪشن ڪميشن آهي ۽ درخواستگذاران کي ڌر بڻايو آهي، رياست کي اپيل ۾ ڌر بڻائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته سزا ٻڌائڻ ڪانپوءِ جوابدار جو درجو ڏوهي ۾ تبديل ٿي وڃي، سزا يافته هاڻ رياست جي قيد ۾ آهي، اهو نٿو چوان ته اپيل رد ڪئي وڃي، منهنجو موقف آهي ته گهٽ کان گهٽ اسٽيٽ کي نوٽيس ڪري ٻڌو وڃي، چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته رياست کي نوٽيس به ڪيون ته ڇا ٿيندو؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته اهو مينڊيٽ آف لا آهي ته اسٽيٽ کي به نوٽيس هجڻ گهرجي، جسٽس طارق جهانگيري چيو ته جن ڪيسن جو توهان حوالو ڏئي رهيا آهيو، ان ۾ ايف آءِ آر داخل ٿي هئي، هن ڪيس ۾ ڪا ايف آءِ آر ناهي، امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته قانون جون لاڳاپيل هئي شقون چون ٿيون ته رياست کي نوٽيس جاري ڪرڻ گهرجي، رياست وٽ فيصلي جي دفاع جو حق موجود آهي، رياست کي فيصلو ڪرڻو آهي ته اها فيصلي جو دفاع ڪري يا نه. چيف جسٽس عامر فاروق چيو توهان کي لڳي ٿو ته رياست اچي چوندي سزا غلط ڏني وئي؟ اها مختصر سزا آهي ۽ بنا نوٽيس به معطل ٿي ويندي آهي، جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو اهڙو ڪو فيصلو موجود ناهي ته بنا نوٽيس سزا معطل ٿي هجي، 3 سال قيد جي سزا کي گهٽ دوراني جي سزا چئي سزا معطلي جو چيو پيو وڃي، عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا معطلي بابت درخواست تي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.7

بقايا 25

وڏن روڊن تي ٽريفڪ جام کي روڪڻ لاءِ منظم طريقي سان ڪارروائي ڪئي وڃي، هن هدايت ڪئي ته منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادارن مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. نگران گهرو وزير ۽ جيل واري وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته سماج مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪميونٽي ۽ فلاحي تنظيمن کي فعال بڻائڻ جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڪراچي پوليس آفيس جي دوري جي موقعي تي امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ گهرو سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، زونل ڊي آءِ جيز ۽ ضلعي ايس ايس پيز پڻ ان موقعي تي موجود هئا. گهرو، جيل کاتي جي نگران وزير ايڊيشنل آئي جي پي ڪراچي کي هدايت ڪئي ته سمورن خاص هنڌن تي پوليس جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ نفري ۾ اضافو ڪيو وڃي، پوليس جي گشت ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسٽريٽ ڪرائمز جي خلاف سخت ۽ فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، جنهن ۾ گهريل ڏوهارين، سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن ۽ اشتهاري ڏوهارين جي گرفتاري شامل آهي. هن آفيسرن کي چيو ته هو پنهنجي فرض جي پاسداري ڪن ۽ شهرين جي ڳالهه ٻڌڻ کان علاوه ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کي به يقيني بڻائين. نگران گهرو ۽ جيل واري وزير پوليس جي اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ ۽ سي پي ايل سي جو دورو پڻ ڪيو. نگران گهرو وزير ۽ جيل برگيڊيئر (ر) حارث نواز کي لاڳاپيل يونٽ ۽ سيل جي ڪارڪردگي ۽ ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني وئي.

بقايا 26

ٽن سڃاتل جوابدارن سميت چاليهه ماڻهن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن بعد ڪابه گرفتاري ٿي نه سگهي. فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس ۾ رکنو وجهڻ پيرن جي اوطاق تي ڪٺ ڪرڻ تي راڻيپور ٿاڻي تي سرڪار جي مدعيت ۾ ٽن سڃاتل جنهن ۾ علي حسن ملاح، مريد سولنگي، اڪرم ٻهڻ سميت چاليهه اڻ سڃاتل ماڻهن تي ڪيس داخل ڪيو ويو ايس آءِ پي سيد اصغر شاهه جي فرياد تي راڻيپور ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته فاطمه قتل ڪيس ۾ جوابدار حنا شاهه جي ضمانت تاريخ پوري ٿيڻ تي اسان کي جاسوسي طور اطلاع مليو ته ڪجهه شر پسند ماڻهن هڪ اوطاق ۾ گڏ ٿي ڪري پوليس کي ۽ سوشل ميڊيا وارن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا آهن اسان اتي پهچي انهن ۾ علي حسن ملاح، مريد سولنگي، اڪرم ٻهڻ جيڪي ماڻهن کي پوليس ۽ سوشل ميڊيا تي صحافين کي اڪسائي رهيا هئا. اسان انهن کي روڪيو ته توهان غلط ڪري رهيا آيو اسان جي چوڻ تي ماڻهون منتشر ٿي ويا.

بقايا 27

پوليس 6 مقدمن جي تفتيش ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ کي شامل ڪرڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ استدعا ڪئي ته چيئرمين پي ٽي آءِ توشه خانه ڪيس ۾ اٽڪ جيل ۾ سزا ڪٽي رهيا آهن چيئرمين تحريڪ انصاف سان 9 مئي واري مقدمن ۾ تفتيش ڪرڻي آهي عدالت جيل ۾ ملزم سان تفتيش جي اجازت ڏني. انسداد دهشتگردي عدالت جي جج اعجاز احمد ٻٽر پوليس جي درخواست کي منظور ڪيو عدالت چيئرمين پي ٽي آءِ کي عسڪري ٽاور حملو ڪيس، ڪلمه چوڪ تي ڪنٽينر ساڙڻ جي ڪيس، ٿاڻي شادمان نظرآتش ڪيس ۽ ماڊل ٽائون ۾ مسلم ليگ (ن) جي آفيس ساڙڻ جي ڪيس جي تفتيش شامل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

بقايا 28

جي جسماني ريمانڊ تي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو عدالت آئينده ٻڌڻي تي پوليس سان پيش رفت جي رپورٽ طلب ڪري ڇڏي خميس تي انسداد دهشتگردي عدالت ۾ 9 مئي احتجاج ۽ هنگامي ڪيسن جي ٻڌڻي ٽيپو سلطان پوليس ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي اڳوڻي ايم پي اي راجا اظهر کي عدالت ۾ پيش ڪيو تفتيشي آفيسر ٻڌايو ته ملزم کي فيروزآباد ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ به گرفتار ڪيو ويو هو فيروزآباد پوليس کي به ڪيس متعلق تفتيش ڪرڻي آهي ملزم جي جسماني ريمانڊس ۾ توسيع ڪئي وڃي. تحريڪ انصاف جي وڪيلن موقف ڏنو ته ملزم اڳوڻو ايم پي اي آهي پوليس حراست ۾ بنيادي سهولت فراهم نٿي ڪئي وڃي پوليس پاران سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي. اهل خانه طرفان پهچايل گهر جي ماني به فراهم نٿي ڪئي وڃي عدالت پوليس کي قانون مطابق سهولت فراهم ڪرڻ جي هدايت ڏني عدالت ملزم کي فيروزآباد ٿاڻي ۾ درج مقدمي ۾ ٻن ڏينهن جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو عدالت آئينده ٻڌڻي تي پوليس کان رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا 29

ڪميشن سڪندر سلطان راجا سان ملاقات ڪئي ۽ پاڪستان جي آئين ۽ قانون مطابق آزادانه ۽ منصفاڻه چونڊ جي انعقاد لاءِ آمريڪا جي حمايت جي يقين ڏهاني ڪرائي آمريڪي سفير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڪستان جي مستقبل جي اڳواڻن جو چونڊ ڪرڻ پاڪستاني عوام جو ڪم آهي انهن آمريڪا جي ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو پاڪ آمريڪا جي تعلقاتن کي مزيد گهري ۽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ پاڪستانين جي منتخب ڪردا ملي ڪري ڪم ڪندو رهندو واضح رهي ته گذريل ڏينهن وزير خارجه جليل عباس جيلاني سان آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم ملاقات ڪئي هئي ان حوالي سان دفتر خارجه جي ترجمان جو چوڻ هو ته ملاقات ۾ باهمي تعلقات جي فروغ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا 01 ********

چوڪ ۽ گندو پاڻي تلاءُ بڻجي بيٺل هجڻ ڪري گندگي ۽ بدبوءِ پکڙيل شهري پريشان بڻيل انتظاميه ننڊ ۾ پيل شهدادپورشهر ۾ نگران حڪومت جو سيٽ اپ ٿيڻ باوجود ميونسپل ڪميٽي انتظامي پنهنجو قبلو درست نه ڪندي گورننس کي به بهتر نه ڪيو ميونسپل ڪميٽي جي انتظامي جي نااهلي ۽ صفائي وارو عملو غائب هجڻ ڪري گٽر نالا بند ٿيڻ سبب گندو پاڻي اتلي روڊن تي اچي ويو شهر جي مصروف سول ڪورٽ چوڪ ۾ گندو پاڻي تلاءُ بڻجي بيٺل هجڻ ڪري گندگي ۽ بدبوءِ پکڙجي وئي آهي گندو پاڻي اچڻ ڪري گندگي ۽ بدبو سبب اينڊڙ ويندڙ شهري توڙي دڪاندار سخت پريشان آهن ۽ ميونسپل ڪميٽي انتظاميه ننڊ ۾ پيل هئڻ ڪري اجا تائين سجاڳ نه ٿي آهي نه ئي غائب بڻيل صفائي وارو عملو ظاهر ٿيو آهي واضح رهي ته شهدادپور شهرجي هڪ ميونسپل ڪميٽي ۽ هڪ ٽائون ڪميٽي جتيا ۾ هر مهيني ڪروڙين رپيا فنڊ اچڻ باوجود صفائي جو نظام درهم برهم بڻيل آهي ڪروڙن جي بجيٽ ۾ هر مهيني تيل ۽ ڪوڙن بلن ذريعي وڏي ڪرپشن ڪرڻ توڙي چوپائي مال جي پڙي پارڪنگ ٽيڪس سميت سموريون آڪٽراءِ نيلاميون پگڙن مٺ تي پنهنجن من پسندن حوالي ڪرڻ باوجود ٽاقيل ڪرپٽ انتظاميه جو پيٽ نه ڀريو ۽ بلدياتي ملازمن سميت صفائي واري عملي کي به ويزا تي موڪلي ڇڏڻ ڪري صفائي نه ٿيڻ سبب شهر اندر گٽر نالا بند تي گندو پاڻي اتلي روڊن تي اچڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي شهرين مطالبو ڪيو ته بلدياتي ادارن مان ڪرپٽ ڪامورن کي هٽائي غائب بڻيل صفائي واري عملي جي لوڏ ڪي صفائي لاءِ ظاهر ڪري صفائي سٿرائي يقيني بڻائي هر مهيني رڪارڊ بيقاعدگيون ڪندڙن خلاف سخت قدم کنيو وڃي.

بقايا 02 ********

رائيٽس فورم جي چيف ايگزيڪيوٽو ملڪ طاهر اقبال پراجيڪٽ مئنيجر سجاد علي لولائي، سي آر سي ڪوآرڊينيٽر نياز چانڊيو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته فاطمه ڦرڙو جي ڪيس ۾ داخل ايف آءِ آر ۾ جنسي زيادتي ۽ چائلڊ ليبرجا قلم نه لڳايا ويا آهن. جاچ آفيسر کي گهرجي ته قتل جي قلمن سان گڏ جنسي زيادتي ۽ چائلڊ ليبرجا قلم به ايف آءِ آر ۾ شامل ڪري، هنن چيو ته ابتدائي ميڊيڪل رپورٽ موجب نينگري سان جنسي زيادتي ٿي آهي تشدد پڻ ٿيل آهي. هنن چيو ته معصوم ٻارڙي فاطمه جي ميڊيڪل رپورٽ ڏسون ٿا ته دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿو سنڌ ۾ ٻارن جي تحفظ ۽ چائلڊ ليبر بابت قانون ته ٺهيل آهن پر انهن تي عمل درآمد نه پيو ٿئي هنن چيو ته نه صرف گرفتار جوابدار پرحويلي ۽ علائقي ۽ رهندڙ ماڻهن جا ڊي اين اي ٽيسٽ گهرجن، معصوم ٻارڙن سان جنسي زيادتي ۽ تشدد ڪندڙ جوابدارن کي سخت کان سخت سزا ملڻ گهرجي، هنن چيو ته ڪنهن مجبوري سبب اگر ڪو ٻار ڪم ڪري ٿو ته ان ٻار جو تحفظ، پڙهائي، صحت جو خيال رکڻ لاءِ به قانون سازي ٿيڻ گهرجي اگر اتي ان سان ناروا سلوڪ يا تشدد ٿئي ته رياست فل فور انهن خلاف ڪاروائي ڪري، هنن چيو ته سنڌ حڪومت پهريان اهو چيو ته چائلڊ ليبر جيڪو آهي اهو چائلڊ ليبر قانون جو حصو آهي پر ان تي نظرثاني بعد اهو چيو ويو ته اهو چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ايڪٽ ۾ اچي ٿو جنهن لاءِ اسين سنڌ حڪومت کان اهو مطالبو ڪنداسين ته چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي بجيٽ ضلعي سطح تائين جاري ڪئي وڃي ته جيئن ٻارن جي تشدد جي واقعن جي روڪٿام ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي،هنن چيو ته ملڪ ۾ گهرن اندر ڪم ڪندڙ ٻارن کي تحفظ، صحت ۽ سوشل ذميداري پوري ڪرڻ لاءِ قانون جي نه هجڻ ڪري پوري ملڪ ۾ گهرن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ٻارن ۽ عورتن تي تشدد جا واقعا وڌي رهيا آهن. هنن چيو ته لاهور ۾ جج جي گهر ۾ ٻارڙي جو موت، ڪراچي ۾ گلشن حديد ۽ هاٽي راڻي پور گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو گهرن ۾ هجڻ جي ڪري جي ڪوانگ اڪر نه ٿو ملي نه ئي وري انهن تي ظلم ڪرڻ جي خبر پوي ٿي،صوبائي ۽ وفاقي حڪومت هن متعلق ڪا قانون سازي ڪري آئين جي 11 آرٽيڪل کي عملي شڪل ڏئي چائلڊ ليبر ۽ ٻارن جي گهريلو ڪم غلامي ڪرڻ کي غير قانوني ڪرار ڏئي غريب ٻارن کي بهتر مستقبل ڏئي کين جيئڻ جو حق ڏنو وڃي،اڳواڻن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته گهرن ۾ مزدوري ڪندڙ ٻارڙن جي رجسٽريشن ڪئي وڃي، قانون موجب ٻارن کان جبري پورهيو وٺندڙن خلاف سخت ڪاررروائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا 03 ********

احتجاج بعد ڊي اي او پرائمري ميڊم زرينا چنا جو ڳوٺ ڪمال خان مشوري جي پرائمري اسڪول جو وزٽ ۽ وربلي آرڊر تي وڌيڪ 2 استاد مقرر ڪيا. اسڪول ۾ موجود ڳوٺاڻن فقير منظور مشوري، حافظ احمد خان مشوري ۽ هيڊ ماسٽر ڊي اي او کي گهوٽڪي کان وڌيڪ استادن جي گهر ڪئي، ميڊم زرينا جو چوڻ هو ته بلڪل اوهان جو جائز مطالبو آهي 300 ٻارن تي 2 استاد گهٽ آهن مان ڪوشش ڪري اوهان جي اسڪول ڪمال خان مشوري ۾ وڌيڪ استادن جا آرڊر ڪندس.1

بقايا 04 ********

جي رهواسين احسان الله، عطاء الله ۽ ثناء الله پنهنجي گهرڀاتين سميت ٻاٿرن جي چرچ تي زمين تي قبضي ۽ ٻن چوڪرن جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو هنن الزام هنيو ته اشفاق ابڙو، ممتاز ابڙو، ارشاد ابڙو ۽ ٻين پوليس جي مدد سان گهر تي قبضو ڪري سندن ٻن چوڪرن ذڪاءُ الله ۽ عطاءُ الله کي جهيڙي جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪرائي ڇڏيو، جن کي بعد ۾ پوليس ڳري رشوت عيوض ڇڏي ڏنو هنن چيو ته پوليس جاڳيرائي ٻاٿر ماڻهن کان رشوت وٺي کين تنگ ڪري رهي آهي ۽ جيڪي اسان جي گهر جي پلاٽ ۽ زمين تي قبضو ڪري ڦٻائڻ ٿا چاهين انهن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ٿي ڪري، هنن مطالبو ڪيو ته ترجي ٻاٿر ماڻهن خلاف قدم کڻي سندن ساٿ ڏيندڙ پوليس خلاف جاچ ڪري ملوث پوليس عملدارن خلاف سخت ڪاررروائي ڪئي وڃي.7

بقايا 05 ********

ميرپورخاص جي ميئر عبدالرئوف غوري ۽ ڊپٽي ميئر جنيد بلند چيو آهي ته پيپلزپارٽي هميشا عوام جي حقن لاءِ ڊڪٽيٽرن خلاف جدوجهد ڪئي آهي ميرپورخاص جي عوام پيپلزپارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪندي پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو آهي ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصف علي زرداري ۽ محترمه فريال ٽالپر اسان تي اعتماد جو اظهار ڪندي ميرپورخاص جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي عهدن تي چونڊرايو هنن چيو ته اسان کي پيپلزپارٽي جي قيادت پاران واضح هدايتون جاري ڪيل آهن ته ميونسپل ڪارپوريشن ۾ چونڊجي آيل تمام پارٽين ۽ آزاد اميدوارن کي گڏ ڪٽي هلي عوام جا مسئلا حل ڪيون. هنن چيو ته ميرپورخاص جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي اسان جي اولين ترجيح آهي عهدو سنڀالڻ شرط اسان ميرپورخاص جي صفائي جي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ انهي کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو اهڙو اظهار هنن ميرپورخاص جرنلسٽس فورم جي دوري دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي جرنلسٽس فورم جا اڳواڻ سيد ڪامل ڪاظمي، محمد صالح اوٺو، عبدالرحمٰن رند، سليم ڪاظمي، شاهد کيهر، حبيب الله ميمڻ، وقار قريشي ۽ وکي راجه آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جو تحفو ڏنو هنن وڌيڪ چيو ته اڳ جي مقابلي ۾ شهر ۾ صفائي جي نظام جي بهتري صاف نظر اچي رهي آهي برساتن دوران اسان ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪامورن ۽ ملازمن سان ڏينهن رات فيلڊ ۾ رهي برسات جو پاڻي فوري طور نيڪال ڪيو جنهن سان عوام پريشانين کان محفوظ رهي، شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي واري مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون شهر جي مختلف علائقن ۾ پراڻين لائينن جي جاءِ تي نيون لائينون ۽ لائينن جي مرمت جو ڪم شروع ڪرايو ويو آهي جنهن سان جلد عوام جي پيئڻ جي پاڻي جي گهٽ فراهمي واريون شڪايتون گهٽ ٿي وينديون جڏهن ته شهر جي ترقي لاءِ مختلف منصوبا غور هيٺ آهن جن تي اليڪشن ڪميشن جي پابندي جي ڪري ڪم شروع ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن پر انهن کي پڻ جلد حل ڪيو ويندو هنن چيو ته سٽلائيٽ ٽائون سميت مختلف علائقن جي رهائشين جي گهرن جي ليز پراڻو مسئلو رهيو آهي اليڪشن کان اڳ اسان عوام کان واعدو ڪيو هو ته سندن انهي مسئلي کي حل ڪرايو ويندو انهي واعدي کي پاڙڻ لاءِ عملي ڪم شروع ٿي چڪو آهي ۽ ايوان مان به ان جي منظوري ٿي وئي آهي جلد ليزجي مدي کي وڌائڻ لاءِ تمام گهربل ڪاروائي مڪمل ڪري ليزن جي واڌ جو ڪم شروع ڪيو ويندو، هنن چيو ته صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻي سان گڏ عوام کي تفريح جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ موجود پارڪن کي بهتر ڪرڻ سان گڏ نوان پارڪ پڻ جوڙيا ويندا جڏهن ته ميونسپل ڪارپوريشن جي مالي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ٽيڪس اوڳاڙي سميت ٻين پلتي رهجي ويل ڪمن کي مڪمل ڪرايو ويندو ته جيئن ڪارپوريشن جي آمدني ۾ اضافو ڪري عوام کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪري سگهجن هنن چيو ته شهر ۾ لڳل سولر اسٽريٽ لائٽون ڪافي عرصي کان خراب پيل آهن انهن جي مرمت ڪرائي ميرپورخاص شهر کي روشنين جو شهر بڻائينداسين. اسان جي ڪوشش آهي ته عوام جي اُميدن تي پورو لهون ۽ ميرپورخاص جي عوام جي خدمت ڪيون ان ۾ اسان کي ميرپورخاص جي صحافين جي مدد جي پڻ ضرورت آهي شهرجي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ سان اسان کي انهن جي حل ڪرڻ ۾ مدد ملندي اسان جي آفيس توڙي گهرجا دروازا عوام لاءِ هر وقت کليل آهن ۽ عوام کي به گذارش آهي ته شهر جي صفائي سٿرائي لاءِ اسان جي ڪوشش ۾ ساٿ ڏين.

بقايا 06 ********

سجاول جي انفارميشن سيڪريٽري ۽ ڏڙو ٽائون ڪميٽي جي ڪائونسلر ياسمين سولنگي برادري جي بزرگن يار محمد سولنگي، الهڏنو سولنگي، حسين سولنگي سميت ٻين سان گڏ پريس ڪلب ميرپور بٺورو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي ياسمين سولنگي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته ڏڙو شهر جي پڄاري ڪئنال پرسان سندس مامي الهڏنو سولنگي جي پلاٽ تي ڪنگائي برادري جي صالح ڪنگائي ملاح ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي، هن چيو ته قبضي بعد پلاٽ جي جاچ ۽ معاملي جي حل ڪرائڻ لاءِ پهتيس ته مٿس به حملو ڪري سخت تشدد ڪيو ويو، هن چيو ته واقعي جي رپورٽ ڏڙو ٿاڻي تي داخل ڪرڻ سميت ڊي ايس پي ميرپور بٺورو کي به شڪايت ڪئي آهي ليڪن ڏينهن گذري وڃڻ جي باوجود ڏڙو پوليس ۽ ڊي ايس پي ميرپور بٺورو اجا تائين جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو آهي، هن چيو جوابدار ٻااثر آهن ۽ سندن پلاٽ تي قبضي ۽ مٿس قاتلاڻي حملي کان پوءِ کين مختلف ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جڏهن ته پوليس جي روايتي سستي سبب کين ڪوبه انصاف ناهي ملي سگهيو، هن چيو ته کين ڪوبه جاني يا مالي نقصان پهتو ته ان جا ذميوار جوابدارن سان گڏ ڏڙو پوليس ۽ ڊي ايس پي ميرپوربٺورو لياقت جسڪاڻي هوندا ، هنن هاءِ ڪورٽ آف سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪري مٿس قاتلاڻو حملو ڪندڙ ۽ سندن پلاٽ تي قبضي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 07 ********

خلاف احتجاج، گهر مان زبردستي بيدخل ڪرڻ جو الزام، گهوٽڪي ۾ پٽي محلي جي رهواسڻ ناري سڪينه زال تنوير پٽي جو معصوم پٽ سميت سهري انور پٽي جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي چيو ته سهرو انور پٽي گهر ۾ رهڻ نٿو ڏي، مونکي پنهنجي مڙس سان رهڻ ڏنو وڃي اهڙو اظهار هن گهوٽڪي پريس ڪلب ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي ڪيو، هن چيو ته سهرو اسان سان ناجائز زيادتيون ڪري رهيو آهي، ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو آهي ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.1

بقايا 08 ********

۾ ورلڊ فوڊ پروگرام (ڊبليوايف پي) پاران پي پي ايچ آءِ آفيس بدين ۾ سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايچ آءِ بشير احمد عباسي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، چائلڊ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي، ڊبليوايف پي پروگرام آفيسر ڊاڪٽر ساجده عباسي، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر پي پي ايچ آءِ آصف علي انصاري ۽ ٻين سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته پي پي ايچ آءِ سنڌ ۾ صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ ماءُ جي کير جي اهميت بابت هر ننڍي وڏي شهر توڙي ڳوٺن ۾ آگاهي ڏيندي رهي ٿي ان سلسلي ۾ پي پي ايچ آءِ جو نيوٽريشن پروگرام پڻ ڪاميابي سان هلي رهيو آهي. پي پي ايچ آءِ ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام جي تعاون سان ضلعي بدين ۾ 6 نيوٽريشن فسيليٽريس سينٽر هلائي رهي آهي جنهن ۾ گورهاري ۽ ٽج پياريندڙ عورتن کي خوراڪ سان گڏ 3 ماهي وظيفو پڻ ڏنو ويندو آهي هنن چيو ته ٻار کي 6 مهينن تائين صرف ماءُ جو کير ڏنو وڃي ان کان پوءِ ڊاڪٽر جي مشوري سان ماءُ جي کير سان گڏ هلڪي غذا پڻ ڏئي سگهجي ٿي، هنن چيو ته دين اسلام، دين فطرت آهي اسان کي قرآن شريف پڻ 2 سالن تائين ٻار کي ماءُ جو کير پيارڻ جو حڪم ڏئي ٿو ماءُ جو کير قدرت طرفان انمول تحفو آهي دنيا ۾ ان جو ڪوبه نعمل بدل نه آهي ماءُ جو کير انيڪ بيمارين خلاف ويڙهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ٽج ڏيڻ سان ڇاتي جي ڪينسر جو خطرو گهٽجي وڃي ٿو، ٻهراڙي جي مقابلي ۾ شهرجون عورتون ٻار کي ٽج گهٽ ڏين ٿيون انهي سبب آهي جو شهري علائقن ۾ ڇاتي جو ڪينسر وڌيڪ جڏهن ته ٻهراڙين ۾ گهٽ آهي سيمينار کي خطاب ڪندي صحت متعلق ڄاڻ رکندڙ ماهرين چيو ته ماءُ پنهنجي ٻار کي هر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ 8 کان 10 منٽ کير ضرور پياري هنن چيو ته مائرن کي سمجهائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميداري آهي، اسان جي سمجهائڻ سان سئو مان پنج مائرون به جيڪڏهن عمل ڪن ته اها اسان سڀني جي ڪاميابي آهي سيمينار ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ ٻين عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 09 ********

زبون حالي جو شڪار،ڪيترن ئي سالن کان مقررٿيل استاد مسلسل غير حاضر هجڻ سبب ٻار تعليم جي سهولت کان محروم ڳوٺاڻن ۽ ٻارن جو احتجاج خبر موجب تعليمي کاتي جي بي ڌياني سبب ٺل پرسان يوسي دين پور ڪوسو جي ڳوٺ علي بخش سومرو ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حالت ۾ ٿي وئي آهي، ۽ اسڪول ۾ مقرر استادن جو عملو ڪيتري ئي عرصي کان مسلسل غير حاضر رهڻ سبب ٻار تعليم پرائڻ کان محروم ٿي ويا آهن ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ پنهنجا استاد رکيا آهن پر اسڪول ۾ فرنيچر نه هئڻ ڪري ڪيترائي شاگرد پٽ تي ويهي تعليم پرائي رهيا آهن ڳوٺاڻن محمد خان سومروجانو سومرو ۽ ٻين ٻڌايو ته ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جي بلڊنگ زبون حالت ۾ ٿي وئي آهي ۽ استاد به اسڪول نه ٿا اچن ڪنهن به عملدار سار ناهي لڌي جڏهن ته بند پيل اسڪول سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿي آهي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ پنهنجي طرفان استاد مقرر ڪيو آهي جيڪو ٻارن کي تعليم ڏي ٿو فرنيچر نه هئڻ ڪري ٻارڙا کليل آسمان هيٺ تعليم پرائي ريا آهن هنن اعلٰي اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بلڊنگ جي مرمت ڪرائي بند پيل اسڪول کي فنڪشنل ڪري استاد مقرر ڪيا وڃن ته جيئن اسان جا ٻارڙا تعليم پرائي پنهنجو بهتر مستقبل ناهي سگهن.

بقايا 10 ********

هيڊ سيد رضوان احمد چيو آهي ته وفاقي سرڪاري کاتن ۾ بدانتظامي ۽ بدعنواني بابت ماڻهن جي شڪايتن جي حل لاءِ وفاقي محتسب جو ادارو هڪ موثر فورم آهي جتي فقط هڪ سادي ڪاغذ تي پنهنجون شڪايتون درج ڪرائي سگهجن ٿيون هو حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽريز پاران سندس اعزاز ۾ ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪري رهيو هو هن، حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽريزجي عهديدارن ۽ ميمبرن کي وفاقي محتسب جي اداري بابت تفصيلي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته جيڪڏهن وفاقي محتسب جو ادارو ماڻهن جي مفت داد رسي ۽ کين انصاف جي جلد فراهمي ۾ مصروف عمل آهي پر ماڻهن جي اڪثريت وفاقي محتسب جي اداري جي اهميت کان اڻواقف آهي ۽ انهن ۾ حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽريزجا به ميمبر شامل آهن _ هن چيو ته وفاقي محتسب آفيس ۾ ماڻهن جي شڪايتن جي ازالي لاءِ وڪيل جي ضرورت نه پوندي آهي بلڪ شڪايت ڪندڙن کي شڪايت درج ڪرائڻ جي ڪجهه ڏينهن بعد سماعت لاءِ گهرايو ويندو آهي جتي وفاقي محتسب جا انڪوائري آفيسر جاچ ڪرڻ بعد انهن جي شڪايتن کي اڪلائيندا آهن ۽ اٺين ئي ٻن مهينن جي وقت ۾ ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪيو ويندو آهي _ هن چيو ته ان کان علاوه آن لائين وفاقي محتسب جي ويب سائيٽ www.mohtasib.gov.pk ۽ موبائيل ايپ جي ذريعي به شڪايت درج ڪرائي سگهجي ٿي_ ان موقعي تي حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز ۽ اسمال انڊسٽريزجي صدر فاروق شيخاني ، ريجنل هيڊ وفاقي محتسب حيدرآباد سيد ڊاڪٽر رضوان احمد کي سنڌ جو ثقافتي تحفو ٽوپي ، اجرڪ ۽ يادگاري شيلڊ پيش ڪئي.

بقايا 11 ********

آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جامشورو پاران انٽر ڪلاس هارڊ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ لمس اسپورٽس مين ڪمپس جي گرائونڊ ۾ وائيس چانسلر لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ جي هدايت تي منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جامشورو لمس جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اجڻ تقريب جو مهمان خاص رهيو وائيس چانسلر لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ کٽيل ۽ هرايل ٽيمن ۾ انعامات پڻ ڏنا. ان موقعي تي وائيس چانسلر لمس ڊاڪٽر اڪرام دين اجڻ جو چوڻ هو ته مان کٽيندڙ ۽ هرايل ٽيمن ۽ ٽورنامينٽ جي منتظمين کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، هن شاگردن کي خطاب ڪندي چيو ته انهن راندين سان گڏوگڏ نصابي سرگرمين ۾ به ڀرپور حصو وٺو انهن کي جسماني طور تي تندرست رکڻ لاءِ وڌيڪ ڪاڻو ۽ صحتمند سرگرميون جهڙوڪ راندين کي سجو سال جاري رکڻ گهرجي، وائيس چانسلر وڌيڪ چيو ته لمس ڪرڪيٽ اڪيڊمي قائم ڪئي وئي آهي جنهن سان شاگردن جي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو ٽورنامينٽ ۾ ٽوٽل 12 ٽيمن حصو ورتو جنهن ۾ فائنل ميچ ڊي پي ٽي ۽ فارميسي جي رانديگرن تي مشتمل ۽ فائنل سال جي ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويو بلاول ميڊيڪل ڪاليج جي ٽيم جنهن ۾ ڊي پي ٽي ۽ فارميسي جي راندگرن تي مشتمل ٽيم 15 رنسن تان ٽورنامينٽ جي ٽرافي کٽي ورتي، ان موقعي تي ٽورنامينٽ جو فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽر منور پتو، اختر بنگش ۽ امپائر آف دي امپائر پڻ موجود هئا.

بقايا 12 ********

ڪندڙ ملازمن جي مدي ۾ واڌ ڪري پگهارون شروع ڪيون وڃن. اوقاف کاتي طرفان درگاهه ڀٽائي تي سالن کان ڪم ڪندڙ ملازمن جي مدي ۾ واڌ نه ٿي سگهي، 10 سالن کان ڪم ڪندڙ ملازمن جو پگهارون به بند پيل آهن. درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي تقريبن 3 درجن سرچر طور ملازمن جي مد ۾ واڌ ڪئي وئي جنهن جي مدي ۾ واڌ جو چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف علي گل سنجراڻي طرفان ٽن مهينن لاءِ نوان آرڊر جاري ڪيا ويا آهن جڏهن ته درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي گذريل 10 کان 12 سالن کان ڪم ڪندڙ 30 جي لڳ ڀڳ ملازمن کي ڪنهن به قسم جو ٽئون آرڊر جاري ڪري انهن جي مدي ۾ واڌ نه ڪئي وئي آهي جنهن ڪري ملازم سخت پريشانين جو شڪار بڻيل آهن ۽ انهن کي پگهارون نه ملڻ ڪري گهر ڀاتي به فاقا ڪشي ڪاٽڻ تي مجبور آهن درگاهه ڀٽائي تي ڪم ڪندڙ ملازمن جو چوڻ آهي ته اسان گذريل 10 سالن کان درگاهه ڀٽائي تي ڪانٽريڪٽ تحت ملازمت ڪندڙ آهيون ۽ هن وقت اسان جي ڪانٽريڪٽ جي مدي ۾ واڌ نه ڪئي وئي آهي ۽ پگهارون به بند آهن اسين سخت پريشاني باوجود به درگاهه تي ڊيوٽي ڪري رهيا آهيون. سيوهڻ جي درگاهه تي 35 کان وڌيڪ ملازمن جي مدي ۾ واڌ ڪري پگهارون شروع ڪيون ويون آهن، مگر اسان جون پگهارون بند آهن. اسان سنڌ حڪومت سميت اوقاف کاتي جي صوبائي وزير، سيڪريٽري اوقاف ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف کي اپيل ڪريون ٿا ته سيوهڻ جي درگاهه ملازمن وانگر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي سالن کان ڪم ڪندڙ اسان ملازمن جي مدي ۾ واڌ ڪري اسان کي پگهارون جاري ڪيون وڃن ۽ فاقا ڪشي کان بچايو وڃي.

بقايا 13 ********

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي 280 هين عرس مبارڪ جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪالهه ڀٽ شاهه ريسٽ هائوس، ايڪس تي سورلي هال، آڊيٽوريم، ڪراڙ ڍنڍ ۽ ٻين هنڌن تي هلندڙ مرمتي ۽ خوبصورتي واري ڪم جو معائنو ڪيو ۽ چيو ته ميلي کان اڳ سمورن ڪمن کي مڪمل ڪيو وڃي، هن پبلڪ هيلٿ کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي هو پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته جيئن ايندڙ پانڌيئڙن کي بهتر سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي، بعد ۾ ڊائريڪٽر ثقافت شير محمد مهر ڪراڙ ڍنڍ جو به تفصيلي دورو ڪيو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ريسٽ هائوس ڀٽ شاهه مجتبيٰ جوکيو کان علاوه ٻيا پڻ موجود هئا.7

بقايا 14 ********

مفت طبعي ڪيمپ لڳايي ويي. مفت طبعي ڪيمپ ۾ دماغي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر شاهنواز ايم ڪي دل مريض جو مفت چڪاس ڪيو ۽ کين دوايون ڏنيون. ماتلي شهر ۾ لڳندڙ انهي طبعي ڪيمپ ۾ سون جي انگ ۾ دماغ جا مريض علاج لاءِ پهتا هيا . صبح کان شام تايين هلندڙ انهي مفت طبعي ڪيمپ ۾ سوين مريضن جو مفت چڪاس ۽ علاج ڪري کين مفت دوايون ڏنيون ويون. ان موقعي تي ڊاڪٽر شاهنواز دل , ڊاڪٽر محمد فهيم پاٽولي , حاجي انور سولنگي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگايي , غربت ۽ معاشرتي روين جي ناڪاري اثرن جي ڪري وڏي انگ ۾ ماڻهون مختلف نفسياتي بيمارين جي ورهه ۾ چڙهي ويا آهن جنهن ڪري انهن ۾ ڊپريشن ، چڙچڙاهٽ جو مرض وڌي ويو آهي جنهن ۾ وقت سان گڏ غير معمولي واڌ اچي رهي آهي. ڊاڪٽر شاهنواز دل جو چوڻ هو ته جيڪي ماڻهو پيٽ لاءِ هڪ وقت جو اٽو خريد نه ٿا ڪري سگهن انهن وٽ پنهنجي علاج جو تصور بي ڪونهي تنهنڪري مختلف بيمارين جي ماهرن کي گهرجي ته اهڙي قسم جون مفت طبعي ڪيمپون لڳايي غريبن جي سار لهن ته جيين انهن ۾ جيين لاءِ اتساه پيدا ٿيي سندن چوڻ هو ته اهڙي قسم جون ڪيمپون لڳائڻ جي ضرورت آهي جنهن سان غريب ۽ لاچار مريضن جو مفت علاج ٿي سگهي.

بقايا 15 ********

تحت سيوهڻ کان جامشورو جي عدالت ۾ منتقل. ڊسٽرڪٽ اينڊ جينڊر وائز ڪورٽ / ايڊيشنل سيشن جج 2 اڳيان ڪجهه ڏينهن اڳ ٻڌڻي تي گذري جڏهن جا سياڻ آرگيومينٽ ٿيندا جنهن ۾ ضمانت لاءِ وڌل درخواست جو فيصلو ٻڌايو ويندو ياد رهي ته نورين مهر کي پنج مهينا اڳ پاڻ ۾ قتل ڪيو ويو هو جنهن جي ايف آءِ آر سندس دعويدار مڙس منصور سومرو جي فرياد تي نورين جي ڀاءُ محسن مهراحسن مهر ۽ چاچي احمد علي مهر تي داخل ڪئي وئي هئي جيڪو هاڻ سيوهڻ مان جامشورو جي عدالت سگوري ۾ منتقل ٿي ويو آهي جنهن جي سياڻي ٻيهر حاضري رکيل آهي.

بقايا 16 ********

ميڊيڪل اسٽور سيل نڪرانو ۾ ڊرگ انسپيڪٽر ميڊم شفق چاچڙ پاران غير قانوني هلندڙ ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا. 2 ميڊيڪل اسٽور سيل. جنهن ۾ اسد ميڊيڪل. خالد ميڊيڪل اسٽور سيل ڪيا ويا ۽ ٻين ميڊيڪل اسٽورن تان غيرقانوني دوائون هٿ ڪيون ويون ان موقعي تي ڊرگ انسپيڪٽر شفق چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوامي شڪايتن تي غيرقانوني ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا هنيا آهن. جن مان ٻن اسٽورن کي سيل ڪيو آهي ۽ ڪجهه ميڊيڪل اسٽورن تان سيمپل توڙي غيرقانوني دوائون هٿ ڪيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته اسٽورمالڪان پنهنجا لائسنس ٺهرائن. ٻي صورت ۾ مٿس ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا 17 ********

غلام نبي سولنگي، شاهد قبوليو، شمشير پالاري، صوبائي جنرل سيڪريٽري شاهد سومرو گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته حيسڪو انتظاما حيدرآباد طرفان سب ڊويزن ون قاسم آباد جي ڪچي ملازم سجڻ جوٽيجو جي گذريل 08 مهينن کان بنا جواز پگهار بند ڪري سندس ٻچن کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي جيڪا انهي غريب ملازم سان حيسڪوجي اعليٰ آفيسرن جي سراسر ناانصافي آهي حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد ۽ ايچ آر برانچ جي انچارج آفيسر شفيق ميمڻ کي 23.06.2023 تي درخواست بند پگهارون ڏيڻ بابت جمع ڪرائي وئي هئي پر حيسڪو انتظاميا هن وقت تائين تائين ڪو تدارڪ ناهي ڪيو پگهارون بند هجڻ ڪري سجڻ جوٽيجو ۽ سندس ٻچا هڪ ويلي جي ماني لاءِ سخت پريشان آهن پر حيسڪو انتظاميا کي ملازم تي ڪو ترس نٿو اچي سجڻ جوٽيجو بل ڊسٽيبيوٽر طور در در وڃي بجلي جا بل ورهائي ٿو ڪيس وڏي زيادتي ڪندي پڪو به نٿو ڪيو وڃي سندس جونيئر کي پڪو ڪيو ويو آهي پر سندس پڪو ڪرڻ جي حق کان پڻ محروم رکيو ويو. هنن اڳواڻن چيو ته حيسڪو چيف ايگزيڪٽو آفيسر حيدرآباد مظفر عباسي ملازم سجڻ جوٽيجو سان انصاف ڪندي بند پيل 08 مهينن جي پگهارون ڏيندي کيس پڪو ڪري.7

بقايا 18 ********

ماڻهن پاران ٻن ڀائرن کي اغوا ڪري گم ڪرڻ ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري بعد اڪبر گوپانگ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سندس ٻه پٽ علي حيدر ۽ دلشير گوپانگ کي حيدرآباد جي مبارڪ ڪالوني ۾ رهندڙ ٻااثر هٿيارن جي واپارين علي شير خواجه ۽ اڪبر خواجه وٽ 15 سالن کان ملازمت ڪن پيا. تازو هٿيارن جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ شريڪ نه ٿيڻ تي هٿيارن جي واپارين علي شير خواجه ۽ اڪبر خواجه سندس پٽن کي اغوا ڪري نامعلوم جڳهه تي لڪائي ڇڏيو آهي ۽ کين قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هن مطالبو ڪيو ته هٿيارن جي واپارين پاران اغوا ڪيل ٻنهي پٽن کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف سخت ڪاررائي ڪئي وڃي.7

بقايا 19 ********

ڏينهن ڌهرڪي اسٽوڊنٽس ڪائونسل جي شاگردن ۽ سول سوسائٽي پاران ڊگري ڪاليج کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف روڊن رستن تان ٿيندي ڀٽائي چوڪ تي هڪ جلسي جي صورتحال اختيار ڪري ورتي ان موقعي تي ڌهرڪي اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪائونسل جي شاگردن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن مٿان گهوٽڪي ضلعي کي يونيورسٽي ڏيو جا نعرا لکيل هئا ان سلسلي ۾ ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪراچي کان بعد ٻئين نمبر تي ٽيڪس ڏيندڙ گهوٽڪي ضلعي ۾ يونيورسٽي ناهي جنهن سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي جيڪا گهوٽڪي ضلعي جي شاگردن سان ناانصافي آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان موجوده حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪيون ٿا ته فوري طور تي گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپورماٿيلو ۾ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي جيئن هتان جا شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهن ملڪ جو نالو روشن ڪن ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو.7

بقايا 20 ********

ڊيوٽي قائم ڪري ورتي آهي. زمان ٽائون پوليس ٿاڻي جي سرپرستي ۾ شهرجي وچ ۾ منشيات جا دڪان کوليا ويا آهن. علائقي جي رهواسين ميڊيا کي ٻڌايو ته پوليس پاران منشيات فروشن کي وڏي رشوت جي بدلي ۾ آزاد ڪيو وڃي ٿو. شڪايتون به ڪيون آهن پر زمان ٽائون پوليس منشيات فروشن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي يوسي 11 وارڊ 02 جي رهواسين ٻڌايو ته موالين سبب شاگرد ۽ شاگرديائين سميت علائقي جا رهواسي سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن علائقي واسين جو چوڻ آهي ته پوليس پاران منشيات وڪرو ڪندڙن کي وڏي رشوت جي بدلي ۾ آزاد ڪيو وڃي ٿو، اسان آءِ جي سنڌ پوليس رفعت مختار کي اپيل ٿا ڪريون ته منشيات فروشن جي سرپرستي ڪندڙ پوليس وارن کي برطرف ڪيو وڃي ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪاررروائي ڪئي وڃي.7

بقايا 21 ********

مٿان حملو ڪندڙن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ۽ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. جي يو آءِ اڳواڻن ۽ پوليس ۾ ڪامياب ڳالهيون ايس ايچ او جي بدلي بعد ڌرڻو ختم. ٺل ۽ جيڪب آباد ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلع جيڪب آباد جي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري جي مٿان حملي آورن جي گرفتاري لاءِ جي يو آءِ جي سڏ تي مختلف تنظيمن ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو جي يو آءِ جي تعلقه امير مولانا عبدالجبار رند، ضلعي نائب امير مولانا سليم الله بروهي، هيومن رائٽس جي چاڪر خان جکراڻي، سٽي فورم جي انجنيئر حمادالله انصاري، ميڊيا فورم جي اسدالله حيدري، نوجوان اتحاد جي خالد ڪٽبار، امتياز قاضي، جي ٽي آءِ جي تاج محمود امروٽي، ٽريڊ اڳواڻ عبدالله عباس نوناري، مولانا تاج محمد پٽي، عبدالرزاق بنگلاڻي، عابد ابڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جي يو آءِ آفيس جيڪب آباد کان ڪڍيو ويو، مظاهرين هٿن ۾ جميعت جا جهنڊا بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شهر جي مختلف رستن کان نااهل پوليس انتظاميه خلاف نعريبازي ڪندا ڊي سي چوڪ وٽ سخت احتجاج ڪيو بعد ۾ مظاهرو ڪندا ايس ايس پي آفيس جي گيٽ اڳيان پهچي سخت احتجاج ڪندي 2 ڪلاڪن تائين ڌرڻو لڳايو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته هڪ هفتو گذرڻ باوجود ٻااثر هجڻ سبب جوابدارن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي جيڪو افسوسناڪ عمل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر اي جي انصاري مٿان حملو ڪندڙن کي جيو فينسنگ ذريعي گرفتار ڪري قانون حوالي ڪيو وڃي،جڏهن ته ڌرڻي دوران ايس ايس پي جي غير موجودگيءَ ۾ ڊي ايس پي ۽ پوليس جي ٽيم پهتي جنهن ٻڌايو ته حد جي ايس ايچ او جي بدلي ڪئي وئي آهي ۽ يقين ڏياريو ته جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو پوليس جي يقين ڏياڻي بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو.1

بقايا 22 ********

ڏاهاٽي، ايڪسيئن قاسم آباد غلام فاروق تنيو، ايس ڊي او سب ڊويزن سٽيزن ڪالوني آفتاب ڏاهاٽي، واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين سب ڊويزن جي چيئرمين غلام مصطفيٰ ڪليري، عزيز گوپانگ، غلام نبي ڪوسو، حيات چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قاسم آباد جي علائقي محمد بخش شورو ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ چوريءَ جي بجلي هلائيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري سوين بجلي جا ڪنيڪشن ڪاٽي بجلي جي تارن کي باهه ڏئي ڇڏي،ان موقعي تي حيسڪو عملدارن جو چوڻ هو ته بجلي جي چوري خلاف ڪاررواييون تيز ڪيون ويون آهن. بجلي جي چوري سان حقيقي صارفين کي تڪليف پهچي رهي آهي. هنن چيو ته اسان جو مقصد بجلي چورن خلاف ڪاررروائي ڪري حقيقي صارفين کي بنا لوڊشيڊنگ جي بجلي فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 23 ********

ڪوسو جي اڳواڻي ۾ مسمات نظيران عرف پياري جي اغوا خلاف پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙ عورتن الزام هنيو ته ٻااثر ماڻهو رئيس غلام قادر چانڊيو، حيدر چانڊيو، غلام حسين چانڊيو ۽ ٻين سندن نياڻي نظيرا عرف پياري کي اغوا ڪري ويا آهن. جڏهن ته سڪرنڊ پوليس اغوا واقعي جو ڪيس داخل نٿي ڪري، پوليس ٻااثر ماڻهن سان ٻت بڻيل آهي، هنن ايس ايس پي بينظيرآباد ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مغوي مسمات پياري کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ اغوا جو ڪيس داخل نه ڪندڙ سڪرنڊ پوليس خلاف ڪاررواءِ ڪري ٻااثر ماڻهن سان ٻت بڻيل پوليس خلاف قدم کنيو وڃي.7

بقايا 24 ********

، وفد دادو پريس ڪلب ۽ دادو ۾ ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم سي آر سي آفيس جو دورو ڪيو. سي آر سي اڳواڻ سندس آجيان ڪندي آيل عورتن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا:_ سماجي تنظيم سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جو نالياورو سماجي اڳواڻ مير حسن آريسر، شڪيل چانڊيو، ذليخان پنهور جي قيادت ۾ ڊسٽرڪٽ وومين گروپ عمرڪوٽ جي صدر جنت قائمخاني، شڪيل چانڊيو سميت ٻين عورتن اڳواڻن صوفي بزرگ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، لعل شهباز قلندر جي درگاهه جو وزٽ ڪندي دادو شهر ۾ چائلڊ رائٽس ڪميٽي جي آفيس پهتيون جتي چائلڊ رائٽس ڪميٽي جي اڳواڻ عنايت جمالي، پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، نياز چانڊيو، محمد وسيم ڪوڪر، ساجد مستوئي، صداقت سومرو ۽ ٻين سندن استقبال ڪيو ۽ پنهنجي تنظيم جو تعارف سميت ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني جنهن بعد پريس ڪلب دادو ۾ هڪ پروقار ڪچهري جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ ڳالهائيندي پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ چيو ته اسين ماروي جي علائقي مان کهي آيل ڀينرن کي ڀليڪار چوڻ سان گڏ ان اميد جو اظهار ٿا ڪريون ته عورتن جي تحفظ ۽ مذهبي ڀائيچاري لاءِ پريس ڪلب دادو جا دروازا هميشا اوهان لاءِ کليل رهندا. انهي موقعي تي مير حسن آريسر چيو ته ڊسٽرڪٽ وومين گروپ عمرڪوٽ ۾ ڪمزور،اقليتن ۽ پٺتي پيل عورتن جو نمائندا گروپ آهي جيڪو بنا ڪنهن معاوضي جي ڪمزور، بنا ڪنهن تفريق جي هر عورت ۽ ٻارجي حقن جي حاصلات لاءِ پتوڙي رهيو آهي. گروپ جي ايڪسپوئيرزٽ جو مقصد مختلف تنظيمن ۽ نيٽ ورڪن سان ملاقاتون ڪري انهن جي تجربن مان سکڻ ۽ پنهنجي ڪم کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ نيٽ ورڪنگ جوڙڻ آهي. انهي دوران مختلف صوفياءِ ڪرام جي درگاهن ۽ مقدس جڳهن تي وڃي مذهبي رواداري ۽ امن لاءِ وچن ورجهائڻ آهي. چائلڊ رائٽس ڪميٽي دادو جي اڳواڻ نياز چانڊيو چيو ته چائلڊ رائٽس ڪميٽي بنيادي طورتي ٻارڙن جي حقن ۽ انهن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، بنا ڪنهن مذهبي تفريق ۽ متيڀد جي هي ادارو هر ماڻهوجي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. جڏهن ته گلڻ خان پنڊ، پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، عنايت علي جمالي، جنت قائمخاني، ذليخان پنهور، راجپائي ڪولهي، شڪيل چانڊيو ۽ ٻيا تقريب ۾ شريڪ هئا. جڏهن ته آيل عمر ڪوٽ مان آيل وفد ۾ ڀينرن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا 25 ********

ته 2 آگسٽ تي سندس ڌيءُ شاهينه جو پنهنجي گهر الخيرهائوسنگ سوسائٽي ۾ قتل ڪيو ويو کين شڪ آهي ته ڌيءُ جي قتل ۾ سندس ناٺي سينٽرل جيل جو ايم ايس ڊاڪٽر احمد علي زرداري ملوث آهي، هن چيو ته جي آءِ ٽي ۾ ڊاڪٽر احمد علي زرداري هڪ پنهنجي ڀيڻ شامل ڪرائي آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ به غلط آهي، مقتولا جي جسم تي مختلف هنڌن تي تشدد جا نشان واضح آهن پر رپورٽ ۾ ان جو ذڪر نه آهي، پوليس به کين ڪنهن به قسم جي رپورٽ نٿي ڏي، هن چيو ته جي آءِ ٽي تي خدشا آهن هن کي ختم ڪري هن کان گهرڪئي ته ڌيءُ جي قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 26 ********

جي لاڳت سان منظور ڪيل ڊگري ڪاليج هنگورجا جو پاڪستان پيپلز پارٽي جي صوبائي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم پي اي ميڊم غزالا سيال سيد محرم علي شاهه لڪياري ۽ ٻين افتتاح ڪري ڇڏيو آهي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي ميڊم غزالا سيال چيو آهي پ پ جي پنج سالن جي دور حڪومت ۾ تعليم صحت، سميت ترقياتي اسڪيمن جو سنڌ ۾ جار وڇايو ويو آهي هنگورجا جي عوام جو پراڻو مطالبو ڊگري ڪاليج قائم ڪري پورو ڪيو ويو آهي ڊگري ڪاليج جي قائم ٿيڻ سان علائقي جي نوجوانن کي بهتر کان بهتر تعليم ملي سگهندي اسان جي ڪوشش آهي علائقي جا ماڻهن جا مسئلا حل ٿي سگهن هن چيو ڪاليج جو تعميراتي ڪم اجان رهيل آهي هن اسڪيم کي روائيز ڪرايو ويندو فرنيچر جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون هن چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ پ پ پ هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ بلاول ڀٽو وزيراعظم ٿيندو هن چيو ته خيرپور ضلعي جي ترقي واڌاري لاءِ حڪومت ڀرپور ڪوشش ڪئي هن وڌيڪ چيو آهي ته پ پ حڪومت سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن عوام ايندڙ چونڊن ۾ ڪارڪردگي جي بنياد تي عوام پ پ پ کي ووٽ ڏيندو تقريب کي پ پ پ اڳواڻ سيد محرم علي شاهه لڪياري خطاب ڪندي چيو ته اسان هميشه شهرجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو آهي تعلقي ناظر جي دور ۾ ڪيترائي اسڪول قائم ڪيا هيا هن چيو ته امن امان جي صورتحال خراب ڪندڙن عوام جا دشمن آهي هن چيو ته ڊگري ڪاليج هنگورجا جي قيام سان تعليم جي ترقي ۾ واڌارو ٿيندو هن چيو ته ڪاليج ۾ فرنيچر جي کوٽ کي به ختم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون تقريب مان ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر حبيب الرحمان منگي خطاب ڪندي چيو ته ڊگري ڪاليج هنگورجا جي قيام سان تعليمي وڌيڪ بهتر ٿيندي تعليم جي ترقي لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ڊگري ڪاليج هنگورجا جي پرنسپال نورالدين شيخ اشفاق ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا 27 ********

خيرپور جي چيئرمين ڊاڪٽر يار محمد ڦلپوٽو،سي ايم او ذوالفقار علي پتو سان ملاقات ڪري شهرجي مسئلن بابت آگاهه ڪيو، عاشق عباسي چيو ته شاهي بازار، پنجگلا چوڪ، صرافاه بازار، انبار محلا،چٽي چوڪ سميت شهر ۾ گندگي آهي، شهر اونداهي ۾ ٻڏل آهي، روڊ رستا ۽ شهر جون اڪثر گهٽيون ۽ علائقا گندگي ۾ ٻڏل آهن، نالين جو گندو پاڻي رستن تي بيٺل آهي، ميونسپل عملدارن منٿلي وصول ڪري هٿ سان انڪروچمينٽ وڌائن ٿا، جنهن ڪري مسافرن توڙي خريداري ڪندڙ شهرين کي ڪيترا ئي مسئلا درپيش آهن، عاشق عباسي چيو ته شهر جي اڪثر محلن ۾ واٽر سپلاءِ جو مٺو پاڻي فراهم نٿو ٿئي ،شهري پاڻي پئسن تي خريد ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ترقياتي اسڪيمن ۾ شهر جي ڳٽيل آبادين کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي،جنهن تي چيئرمين ڊاڪٽريارمحمد ڦلپوٽو واپارين کي شهرجي صفائي سٿرائي ڪرائڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو، ان موقعي ميونسپل ڪميٽي جو ڪائونسلر ايڊوڪيٽ محمد جمن سهتو واپاري اڳواڻ گرمڪ مل ماڪيجا،صحافي شاهد نواز سيال واپاري اڳواڻ سيد ڪوثر علي شاهه، محمد حنيف عباسي،عبدالوهاب سومرو،خادم حسين ميمڻ،محمد علي عباسي،شاهنواز عباسي، عبدالرحمان راجپوت، ارشد راجپوت ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 28 ********

رهواسي پي پي ايچ آءِ جي ملازم نوجوان جي تذليل وارو مامرو خبرون ميڊيا ۾ اچڻ ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي ٿرپارڪر ڏاهده پروين نوٽيس وٺي ڇڏيو، ملوث جوابدارن خلاف ڪاررواڻي جو حڪم ڏئي ڇڏيو، ڊي ايس پي ڇاڇرو ماجد قائمخاني ۽ ايس ايچ او شير خان لغاري پوليس نفري ساڻ ڪري سرزمين پهتا، گذريل ڏينهن ڪارنهن جي الزام ۾ گلاب رند جو مٿو مڇون ۽ ڀرون ڪوڙي هٿ ۾ رسو ٻڌي گهيليندي ويڊيو ناهي وائرل ڪئي هئي، ايس ايس پي جي نوٽيس بعد پوليس جون جوابدارن کي گرفتاري لاءِ ڇاپا مار ڪارروايون جاري،واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو.

بقايا 29 ********

پناڻ جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي، هن سلسلي ۾ ايڊوڪيٽ محمد جمن سهتو، صحافي شاهد نواز سيال، محمد بخش جويو ۽ ٻين تڏي تي پهچي مرحوم وارثن لالا نجف پناڻ، لالا جنيد پناڻ، لالا مون پناڻ ۽ ٻين سان تعزيت ڪري ڏک ونڊيو ۽ مرحوم جي حق ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ خاص دعا ڪئي،مرحوم لالا برڪت پناڻ جي تيجهي جون رسمون لقمان پرسان سندس رهائشگاهه تي اڄ ادا ڪيون وينديون.

بقايا 30 ********

زرعي لون جي حوالي سان آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ آبادگارن، زميندارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي، منعقد ڪيل پروگرام ۾ سيد توفيق حسين شاهه ڊپٽي چيف مينيجر اسٽيٽ بينڪ سکر، سيد اڪبر رضا شاهه هيڊ ايگريڪلچر نيشنل بينڪ سکر، قربان علي مهر مينجر نيشنل بينڪ خانپورمهر ۽ آفيسرن پاران شريڪ ماڻهن کي هارين آبادگارن جي خوشحال بابت زرعي لون جي حوالي سان آگاهي ڏني وئي.

بقايا 31 ********

رانا محمد جاويد راجپوت سان سندس والده جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين جام آصف رزاق خان ڌاريجو رانا هائوس گهوٽڪي پهچي ايڊووڪيٽ رانا محمد جاويد راجپوت، رانا محمد پرويز ۽ رانا محمد وقار سان سندس والدجي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات جي لاءِ فاتحه خواني ڪئي. ان موقعي تي سيد ماجد علي شاهه، محمد اسماعيل ڏونڊو، راڻا مشتاق، چوڌري آصف علي آرائين، لالا اظهر پناڻ، اسدالله لاکو، سردار بگڻ خان ڪلادي، ڊاڪٽر راڻو سڪندر علي، آغا نزاڪت علي پناڻ، ايڊووڪيٽ رانا عدنان، رانا مختيار، رانا دلدار علي راجپوت، ماسٽر رانا مشتاق علي، رانا امجد علي، رانا بابر علي، رانا دلشاد علي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.1

بقايا 32 ********

جي اغوا خلاف پريس ڪلب حيدرآباد سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرو ڪندڙ عورتون سخت نعريبازي ڪري رهيون هيون. هن الزام هڻندي چيو ته ترجو ٻااثر ماڻهو رب ڏنو چانڊ سندس ڀيڻ ڪلثوم کي اغوا ڪري ويو آهي ۽ ان کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. پوليس اغوا جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي نه وري مغوي ڀيڻ کي بازياب ڪرائڻ لاءِ ڪو قدم ٿي کڻي، هن مطالبو ڪيو ته ترجي ٻااثر رب ڏنو چانڊ کي سوگهو ڪري سندن قبضي مان ڀيڻ کي بازياب ڪرايو وڃي.7

بقايا 33 ********

جي طرفان ٽريزري آفيس ۾ فلڊ جا پيسا واپس نه ڪرڻ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو گسٽا يونٽ دريا خان مري جي صدر نيڪ محمد مورووجو ۽ جنرل سيڪريٽري غلام سرور خاصخيلي پريس سيڪريٽري ۽ ٻين گسٽا جا عهديدار ۽ استاد احتجاج ۾ شامل ٿيا ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي ضلعي جي استادن جا پيسا ڪورٽ جي ليٽر موجب اڃا تائين بحال نه ڪيا ويا آهن ۽ استادن جا جائز مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن ان کان علاوه استادن جا اوريجنل ڪاغذ بل ايف او تو آڊيٽر وڃائي ڇڏيا آهن اهي ۽ واپس ڪيا وڃن راشي آفيسرن کي هٽايو وڃي جيئن استادن ۾ بيچيني ختم ڪئي وڃي جيڪڏهن استادن جا جائز مسئلا حل نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.1

بقايا 34 ********

ڊاڪٽر احمد علي شاهه جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. ڪمالديرو ۾ جمشيد گوپانگ پاران ڊاڪٽر احمد علي شاهه جي مان ۾ هڪ عاليشان آجياڻي جو پروگرام رکيو ويو ان موقعي تي شهرين علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ خصوصن محبت ديرو جتوئي جو معزز شخصيت وڏيرو فضل الله ڏهراج پڻ شرڪت ڪئي . ان موقعي تي ڊاڪٽر احمد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان نگران سيٽ اپ مان مطمعن آهيون عوام کي هاڻي سوچي سمجهي بنا دٻاءَ جي فيصلو ڪري انهن نمائندن کي ووٽ ڏين جيڪي عوامي نمائندا هجن جن ڏکئي وقت ۾ عوام جي سار لڌي هجي. ڊاڪٽر احمد علي شاهه جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان پنهنجي وقت ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪار ڪرايا جيڪي عوام جي سامهون آهن هيننر به عوام موقعو ڏنو ته انهن جي خدمت ڪنداسين.1

بقايا 35 ********

خلاف ڪارروايون تيزيءَ سان جاري ، اي سيڪشن ٿاڻي گهوٽڪي جي پوليس حد ڳوٺ جندو گهوٽو وٽان ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار علي اصغر ولد علي حسن گهوٽو ويٺل قاسم گهوٽو تعلقه گهوٽڪي کي گرفتار ڪيو ويو.1

بقايا 36 ********

ويندي هڪ نوجوان عبدالجبار چاچڙ کي هٿياربند ڌاڙيل اغوا ڪري ويا، جنهن لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته هو ڪلينڪ تي ڪم کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪونو وڃي رهيو هو ته ساڻس واقعو پيش آيو مغوي نوجوان جي موٽرسائيڪل ۽ هيلمينٽ ڪجهه مفاصلي تي سندس مائٽن کي رستي تان مليا. اغوا واقعي جي رد عمل ۾ احتجاج طور ڳوٺ ڪونو جي چاچڙ برادري شهر جي چونڪها بس اسٽينڊ وٽ ڌرڻو هڻي قومي شاهراهه جا ٻئي پاسا بند ڪري ڇڏيا جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ پڻ معطل ٿي وئي. جنهن بعد چاچڙ برادري جي سردار پيو خان چاچڙ ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين کي مغوي جي بازيابي جي خاطري ڪرائڻ بعد مظاهرين کان ڌرڻو ختم ڪرائي قومي شاهراهه جا ٻئي پاسا کولرايا. جڏهن ته ڌرڻي دوران قومي شاهراهه جا ٻئي پاسا بلاڪ هوندي به پنوعاقل پوليس توڙي ايس ايس پي سکر ۽ ڊي ايس پي ننڊ سٽل رهيا. ڌرڻي واري هنڌ نه پهتا. جنهن بعد سردار پيو خان پهچي مظاهرين سان ڳالهين ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو. ايس ايچ او پنوعاقل به ڌرڻي ۽ مغوي جي اغوا واقعي کان اڻڄاڻ رهيو نه اغوا واقعي واري هنڌ پهتو. نه ئي وري ڌرڻي واري هنڌ نظر آيو.7

بقايا 37 ********

موٽرسائيڪلون هٿ، گذريل ڪيتري عرصي کان سانگهڙ جي مختلف علائقن مان 50 کان مٿي موٽرسائيڪل چوري ٿي ويل آهن. ڊي ايس پي آصف آرائين ٻڌايو ته هڪ موٽرسائيڪل چور محمد بخش خاصخيلي کي گرفتار ڪري پنج موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون آهن باقي سندس ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ايس ايچ او سانگهڙ جمن ڪوسو ٻڌايو ته شهرين جي شڪايت تي چورن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو آهي جلد امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو ويندو.1

بقايا 38 ********

رهائشگاهه تي پارٽي اڳواڻ سان ملاقات ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جو چوڻ هو ته سنڌ هن وقت انتهائي مشڪل صورتحال مان گذري پئي سنڌ تي دشمن بگهڙن واري نظر وجهو ويٺا آهن ڪڏهن ذوالفقار آباد ته ڪڏهن بحريا ٽائون ته ڪڏهن ڪارونجهر جي نيلامي جهڙا سنڌ دشمن منصوبا ٿوپي سنڌين کي غلام بڻائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سنڌين کي سنڌ جي حفاظت لاءِ نڪرڻو پوندو هن وقت سنڌ جي ٻچي ٻچي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي انهن شڪارين جي چنبي مان سنڌ کي آزاد ڪرائي سگهنداسين صنعان خان قريشي جو چوڻ هو ته خوشحال سنڌ کي ڪرپٽ حڪمرانن تباهه ڪري ڇڏيو آهي امير سنڌ جا ماروئڙا پنهنجي ٻچن جي پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ پنهنجون معصوم نياڻيون وڪڻي رهيا آهن سنڌ جي حويلين حوالي ڪريو ڇڏين ٿا جنهن سبب سنڌ ۾ روز فاطمه جهڙا واقعا جنم وٺي رهيا آهن سنڌ هن وقت لاقانونيت، بدامني ۽ منشيات جي نظر ٿيل آهي جنهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ اسان کي ٿي اڳيان اچڻو پوندو، هن چيو ته حق سچ لکندڙ صحافين کي شهيد ڪيو پيو وڃي سچ جي ساٿارين جي شهادتن هميشه انقلاب کي جنم ڏنو آهي جسقم چيئرمين پنهنجي پارٽي جي ضلعي قيادت کي پڻ هدايتون ڏنيون ته اهي پنهنجن علائقن جي مسڪينن ۽ مظلومن جا پرچهلا ٿين هر مسئلي ۾ انهن سان گڏ بيهي رهن صنعان خان قريشي جو چوڻ هو ته سنڌ جا صحافي هن وقت غير محفوظ آهن حڪومت وقت کي گهرجي ته حق سچ کي عيان ڪندڙ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ان موقعي تي جسقم اڳواڻ ڏاڏو اظهرسومرو، رشيد ڏيٿو، سجيل سالاريو، مظهر انڙ، ذوالفقار ڏيٿو، حافظ عمير ميمڻ، شهزاد سنڌي، اقبال ڏيٿو پڻ موجود هئا.7

بقايا 39 ********

نياڻي جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ڦاهي ڏيڻ لاءِ هٿن ۾ انصاف جو ترازو کڻي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪيو آهي. ڪوٽڙي ۾ جامشورو سجاڳ فورم جي نياڻين پاران راڻيپور ۾ بيدردي سان قتل ڪيل معصوم نياڻي فاطما جي انصاف لاءِ هٿن ۾ انصاف جي ترازو کڻي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪيو، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن فاطما جي قاتلن کي ڦاهي ڏيو جهڙي زوردار نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي جامشورو سجاڳ فورم جي اڳواڻ اقبال ڪوريجو، جاني گهرياڻي ۽ ٻين چيو ته هي نياڻيون هٿن ۾ انصاف جون ترازو کڻي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي اهو مطالبو ڪري رهيون آهن ته معصوم فاطما جي قاتلن کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي.1

بقايا 40 ********

ڪوٽ شهر ۾ قائم پمپن تي غيرقانوني طور ايراني تيل سستو خريد ڪري مهانگي اگهه تي وڪري جو انڪشاف سامهون آيو آهي،ذريعن کان مليل رپورٽن موجب ته پمپن جا مالڪ رات وقت تيل جا ٽئنڪر آڻي خالي ڪندا آهن بعد تيل مڪس ڪري وڪرو ڪيو ويندو آهي،جڏهن ته پمپن تي مالڪ پوائنٽن ۾ هيراڦيريون ڪري عوام کي لُٽي رهيا آهن،مليل رپورٽن موجب سٺو سيڪڙو جي آشاريا ۾ 2 کان 3 پوائنٽون هر ليٽر ۾ گهٽ ڏيکاريون وينديون آهن،انهي سان گڏ مختلف جڳهن ذريعي تيل جي ماپي ۾ هيراڦيرين ذريعي روزاني لکين روپيا الڳ حاصل ڪيا ويندا آهن،جڏهن ته سرڪار طرفان پيٽرول 294 ۽ ڊيزل 296 في ليٽر ريٽ مقرر ٿيل هجڻ جي باوجود پمپن تي تيل جا هٽرادو اگهه مقرر ڪيا ويا آهن ۽ في ليٽر تي سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ ورتا پيا وڃن. مليل رپورٽن موجب ته في ليٽرتي 5 کان 6 روپيا اضافي وٺڻ سميت عوام کي ڦريو پيو وڃي،جڏهن ته انهي کانسواءِ ٽيبل پوائنٽس گهٽائڻ سميت نوزل واري پائيپ ذريعي هيراڦيريون ڪرڻ جو جڳهاڙ جاري آهي،پمپن جا مالڪ پنهنجن ملازمن کان هيراڦيريون ڪرائي مال ميڙڻ ۾ مصروف آهن،جڏهن ته هڪ طرف مهانگائي عروج تي آهي ته ٻي پاسي تيل جي وڌيل قيمتن سان گڏ غيرمعياري تيل جي وڪري عيوض هٽرادو اگهه مقرر ڪري ماڻهن کي لُٽيو پيو وڃي،اِيڏي وڏي ناانصافين ۽ زيادتين باوجود تعلقي جي انتظاميا مڪمل طور تي خاموش تماشائي بڻيل آهي. ذريعن کان مليل رپورٽن موجب ته ڪيترائي پمپ غيرقانوني طور هلي رهيا آهن،ٻهراڙين وارن ڳوٺن ۾ نالي ماتر پمپ قائم ڪري جڳهاڙ ذريعي تيل جو ڌنڌو ڪيو پيو وڃي،علائقن جي پوليس جي ملي ڀڳت شامل آهي.1

بقايا 41 ********

رسول چيما، آصف رحمان ميمڻ، نعمان آرائين، ذوالفقار علي چانڊيو، مظهر علي شاهه،افضل چيما ۽ ٻين آبادگارن پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ داروغي جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج ڪندي الزام مڙهيو آهي ته ايريگيشن ايڪسيئن ايسٽ ڊويزن خيرپور غلام محمد ميمڻ جي سرپرستي ۾ داروغي آصف ابڙو رات جي اونداهي ۾ غير قانوني جهٽا هٽائي ڏڪا پيچرائي ۽ مختلف شاخن مان غير قانوني واٽر ڪورس جوڙائي آبادگارن جو پاڻي چورائي اسان جي زمينن کي بنجر بڻائيو پيو وڃي، هنن وڌيڪ چيو ته اسين اهڙيون شڪايتون چيف انجنيئرايريگيشن سکر، ايس اي سکر کي ڪيون جنهن وراڻيو ته هنن ملازمن جي يونين طاقتور آهي جنهن جي هن داروغي کي سرپرستي حاصل آهي جنهن ڪري هي غير قانوني عمل سرانجام ڏئي ٿو جڏهن ته هن جي ڪيترائي ڀيرا بدلي به ڪري چڪا آهيون پرهي يونين جي مدد سان اعليٰ سطح جي اختيارين کان ٻيهر من پسند جاءِ تي مقرري ڪرائي ٿو ، هنن چيو ته ان حوالي سان ايس اي ايريگيشن سکر سيد فياض شاهه جو چوڻ آهي ته اسان وٽ داروغي آصف ابڙو بابت مختلف شڪايتون مليون آهن جنهن جو نوٽيس ورتو آهي جلد آبادگارن جي شڪايت تي انڪوائري ڪري ملوث هجڻ تي هن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي، جڏهن ته آبادگارن نگران وزيراعليٰ سيڪريٽري آبپاشي سنڌ ۽ چيف انجنيئر سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي قرآن پاڪ تي جاچ ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ سکر آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.7

بقايا 42 ********

خليفو ۽ ٽائون ڪاميٽي جهول جو اڳوڻو چيئرمين فقير دو دو خان چنڙ پنجهٺ ورهين ڄمار ۾ وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ محمد خان چنڙ لوڙهو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي نانگي شاهه جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي پٽ ۽ ڀائرن ٽائون ڪاميٽي جهول جو ڪائونسلر ڪريم بخش چنڙ ۽ اڳوڻي ڪائونسلر نواب الدين چنڙ سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.7

عام نيلام

اسڪريپ جي متفرق اسمن جو نيلام

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾

هيٺ ڄاڻايل اسڪريپ اسمن جو سنگل لاٽ عام نيلام ذريعي وڪرو ڪيو ويندو، جيڪو 2023-09-02 تي 02:00 وڳي منجهند ناظر جي آفيس (بورڊ روم ۾) جتي آهي ۽ جيئن آهي جي بنياد تي ڪيو ويندو.

سيريل نمبر	ڪئٽيگري	اسمن جو تفصيل
1.	گاڏين جو اسڪريپ	گاڏين جي ڪمپونينٽس جي رينج جن ۾ بمپرز، لائيٽون، ايئر فلٽرز، ريڊي ايئٽرز، شاڪ آبزرور، بيٽريون، (برانڊز جهڙوڪ اي جي ايڪسائيڊ اٽلس ڊائيوو) مختلف سائيز 195، 205، 215 ۽ وڌيڪ
2.	فوٽوڪاپيئر مشين اسڪريپ	مختلف پارٽس ريڪو، ايم پي ۽ بزهب ماڊلز
3.	وي آر ايف / ايچ وي اي سي سسٽم اسڪريپ	ايسورٽيڊ ڪمپونٽنس جهڙوڪ ٿري فيز، بريڪرس هاءِ وولٽيج برجز ان ڊور سيونگ موٽرز، آئوٽ ڊور ڊي سي برشز موٽرز مين پي سي بي بورڊز ۽ ٻيا
4.	ڪمپيوٽر ايڪسسريز اسڪريپ	هن ڪئٽيگري ۾ شامل آهن سي پي يوز (ايڪسسريز شامل) مانيٽرز، ايل سي ڊي اسڪرينز، ڪي بورڊز، مائينر مائيڪ، ليزر جيٽ پرنٽرز، اسڪينرز، يو پي ايس، يونٽس، مٽر بورڊز، ٽونرز، نيٽ ورڪ سوئيچز، (8 پورٽس ۽ 16 پورٽس) انٽرنيٽ روٽرز ۽ پريشن ڪولنگ يونٽس (هائرل) پئي انر ۽ آئوٽر ورائيٽيز
5.	ايڇ وي اي سي اسڪريپ ۽ مختلف اسم	اسمن جي ڪليڪشن جهڙوڪ فرجز، ڊيپ فريزرز، واٽر ڪولرز، واشنگ مشينون، اسپلٽ ايئر ڪنڊيشنرز، پئي انڊور ۽ آئوٽ ڊور يونٽس
6.	فرنيچر اسڪريپ	اسڪريپ ٽيل فرنيچر ٽڪرا، 5 سيٽرز، صوفا، ريوالونگ چيئرز آئرن ۽ ڪاٺ واريون الماڙيون ٽيبلون، فائبر بينچون دروازا ڪرسيون پيڊسٽل پکا واٽر ٽانڪيون واٽر ڪولر ۽ ٻيو ڪجهه
7.	متفرق اسم	ٽيلي فون سيٽ وڏي تعداد ۾ ۽ ٽيوب لائيٽون

وڪري جا شرط

اي) عام نيلام ۾ شرڪت لاءِ بدرز کي لازمي طرح واپسي جوڳو -/50000 هزار رپين جو پي آرڊر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ناظر جي حق ۾ سي اين آءِ سي سان گڏ جمع ڪرائڻو پوندو.

بي) بدرز کي ذاتي طرح مقرر ڪيل وقت تي يا پئي ڪنهن ڏينهن تي جيڪڏهن نيلام ملتوي ٿئي ٿو ذاتي طرح حاضر ٿيڻو پوندو.

سي) دلچسپي رکندڙ شخص اسڪريپ جو 2023-08-26 کان 2023-09-01 تي (آچر کان سواءِ) صبح 10:00 وڳي کان 01:00 وڳي منجهند تائين سنڌ هاءِ ڪورٽ ويجهو پاسپورٽ آفيس صدر ڪراچي وٽ معائنو ڪري سگهن ٿا. رابطو جناب عادل علي 03213811756

ڊي) نيلام / وڪرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي منظوري سان مشروط هوندو.

اي) هيٺ صحيح ڪندڙ جو اهو حق محفوظ آهي ته اهو ڪوبه يا سڀئي بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي رد ڪري ڇڏي.

ايف) وڪرو جيئن آهي جتي آهي جي بنياد تي آهي، هيٺ صحيح ڪندڙ بدرز جي ڪنهن دعويٰ جو ڪنهن به وقت ڪنهن طرف کان ٽينڊر اعتراض جو ذميوار نه هوندو.

جي) هيٺ صحيح ڪندڙ پاران ڪنهن به وقت نيلامي ملتوي ڪري سگهجي ٿي.

ايچ) ڪامياب بدر کي مٿي ڄاڻايل آرٽيڪلز جي نيلامي وقت ڪامياب بد جو 25 سيڪڙو پي آرڊر / ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ناظر جي حق ۾ جمع ڪرائڻو پوندو. بدر جي سي اين آءِ سي سميت. جڏهن ته چيڪ قبول نه ڪيو ويندو.

آءِ) نيلام جي بقايا رقم ٻن ڏينهن اندر جمع ڪرائڻي پوندي. ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ اڳ ئي جمع ٿيل سيڪيورٽي واري رقم ضبط ڪئي ويندي، ڪامياب ٿيل بدرز کي چئن ڏينهن اندر اسڪريپ کي کڻڻو پوندو.

جي) هاءِ ڪورٽ جي اسٽاف ميمبرن کي نيلامي ۾ شرڪت کان منع ڪيو ويو آهي. منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان 23 آگسٽ 2023 تي جاري ڪيو ويو.

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ.

بحڪم: سهيل احمد مشوري
ناظر سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي

INF-KRY: No, 3770/2023

ٽينڊر نوٽيس

Tender# NIT/AUS/PC/2023/09

هيٺ ڄاڻايل اسمن لاءِ سنگل اسٽيج ۾ لفافا جي بنياد تي مينو فيڪچررن/ با اختيار ڊسٽري بيوٽرز/ با اختيار ڊيلرز کان جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس کاتي وٽ رجسٽرڊ آهن ۽ لاڳاپيل فيلڊ جو وسيع تجربو رکين ٿيون کان مهربند بدز گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	اسم	سيل نمبر	اسم
.01	سرامڪ اسٽوڊيو ايڪيوئپمينٽ	.04	اسڪچنگ اسٽوڊيو ايڪيوئپمينٽ
.02	انوائرنمينٽل مائڪروبايولاجي ليبارٽري	.05	ايڪيوئپمينٽ براءِ ماڊل ميڪنگ ورڪشاپ
.03	پراڊڪشن اسڪينر ۽ ورڪ اسٽيشن	.06	ايئر ڪنڊيشنرز

تصريحات ۽ مقدار جا تفصيل ٽينڊر دستاويزن ۾ ڏنل آهن. جيڪي -/2000 رپين جو ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر (ناقابل واپسي) اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن ۽ هيريٽيج جي حق ۾ ادا ڪري پروڪيورمينٽ آفيسر وٽان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن 24 آگسٽ 2023 کان 11 سيپٽمبر 2023 تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. بد پيش ڪرڻ جي آخري تاريخ 11 سيپٽمبر 2023 تي 03:00 وڳي منجهند تائين آهي. ٽيڪنيڪل بدز ساڳئي ڏينهن 03:30 وڳي منجهند بدرز يا انهن جي با اختيار نمائندن جي روبرو (جيڪي حاضر رهڻ جا خواهشمند هوندا) کوليون وينديون. مالي تجويزون ٽيڪنيڪل طور تي اهل فرمن جون قبول / کوليون وينديون. ٽينڊر لاڳت جي بد سيڪيورٽي 3 سيڪڙو آهي جيڪا واپسي جوڳي آهي. اها پي آرڊر / بئنڪ ڊرافٽ جي شڪل ۾ اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن ۽ هيريٽيج جي حق ۾ بد دستاويزن سان شامل ڪرڻ گهرجي. پروڪيورنگ ايجنسي جو اهو حق محفوظ آهي ته اها ڪا به يا سڀئي بدز ايس پي پي آر اي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن سان مشروط ڪندي بدنگ پراسيس کي بد يا تجويزون قبول ڪرڻ کان اڳ مذڪورا پي پي آر اي رولز جي 25 رول تحت رد ڪري ڇڏي.

پروڪيورمينٽ آفيسر
اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر
ڊيزائن ۽ هيريٽيج سنڌ
آر سي ڊبيلو روهڙي باءِ پاس، سکر سنڌ

Web: www.aror.edu.pk Ph: 071-5651900 Ext. 261

PID (H) # 74/2023

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو پٽ نالي عاشق حسين خاصخيلي عرف راجا خاصخيلي ولد ايوب خاصخيلي غلط صحبت ۾ اچڻ سبب منهنجي ۽ پنهنجن ڀائرن خادم حسين خاصخيلي ۽ حسين بخش خاصخيلي جي ڪنٽرول ۽ چوڻ ۾ ناهي رهيو. ان ڪري اسان کيس پنهنجي سموري جائيداد مان عاق ٿا ڪريون. عاشق حسين خاصخيلي عرف راجا خاصخيلي ڪنهن به شخص يا ڌر سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ۽ وهنوار ڪندو ته ان جو هو پاڻ ۽ ساڻس ڏيتي ليتي ۽ وهنوار ڪندڙ ذميوار رهندا.

المشتهر
ايوب ولد محمد علي خاصخيلي
شناختي ڪارڊ نمبر:4130110613799
خادم حسين ولد ايوب خاصخيلي
حسين بخش ولد ايوب خاصخيلي
ڳوٺ فقير محمد خاصخيلي ديهه راهو لڳ سڪندر آباد ضلعو مٽياري

شهدادپور ميونسپل ڪميٽي انتظاميا جي نااهلي صفائي وارو عملو غائب هجڻ سبب روڊن تي گٽرن جو پاڻي بيٺل

گٽر نالا بند هجڻ سبب گندو پاڻي اٿلي شهر جي مصروف روڊن سول ڪورٽ چوڪ تي بيهجي ويو،شهري ۽ دڪاندار سخت پريشاني ۾ مبتلا

بلدياتي ادارن مان ڪرپٽ ڪامورن کي هٽائي صفائي واري عملي جي غائب لوڊ ظاهر ڪري صفائي سترائي يقيني بڻائي وڃي:شهرين جو مطالبو

شهدادپور(رپورٽ: پانڌي خان رند) شهدادپور ۾ ميونسپل ڪميٽي انتظامي جي نااهلي ۽ صفائي وارو عملو غائب هجڻ ڪري گٽر نالا بند ٿيڻ سبب گندو پاڻي اٿلي روڊن تي اچي ويو مصروف سول ڪورٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ليگل رائٽس فورم جي سي اي او فاطمه قرڙو ڪيس جي ايف آءِ آر تي خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا

فاطمه قرڙو ڪيس جي ايف آءِ آر ۾ جنسي زيادتي ۽ چائلڊليبر جا قلم نه لڳايا ويا آهن

ملڪ طاهراقبال، سجاد لوراڻي،نياز چانڊيو جي گڏيل پريس ڪانفرنس

دادو(د ر) ليگل رائيٽس فورم جي سي اي او پاران فاطمه قرڙو ڪيس جي ايف آءِ آر تي خدشه ظاهر ڪري ڇڏيا،سماجي تنظيم ليگل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

دادو: سماجي اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

جروار ويجهو ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ احتجاج بعد 2 استاد مقرر ڪيا ويا

ٻارڙن جي مسلسل احتجاج بعد ڊي اي او پرائمري ميڊم زرينا چنا وڌيڪ 2 استاد مقرر ڪيا

اوهان جو جائز مطالبو آهي 300 ٻارن تي 2 استاد گهٽ آهن مان ڪوشش ڪري وڌيڪ استاد مقرر ڪنديس: ڊي اي او

جروار (ن م)جروار ويجهو ڳوٺ ڪمال خان مشوري گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ سبب اسڪولي ٻارڙن جو مسلسل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

حيدرآباد ۾ ٻيڊو پالاري جي رهواسين جو گهر تي قبضي ۽ ٻن ڇوڪرن جي گرفتاري خلاف احتجاج

اشفاق ابڙو ۽ ٻين پوليس جي مدد سان گهر تي قبضو ڪري ٻن ڇوڪرن کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي

بااثرن خلاف قدم کڻي ساٿاري بڻيل پوليس خلاف جاچ ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي : احسان الله ۽ ٻيا

حيدرآباد (چيف رپورٽر) قاسم آباد جي ٻيڊو پالاري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ميرپورخاص جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي اولين ترجيح آهي : ميئر ميرپورخاص

عهدو سنڀالڻ شرط ميرپورخاص جي صفائي جي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون

شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون:ميئر عبدالرئوف غوري ۽ ڊپٽي ميئر جنيد بلند

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ)ميونسپل ڪارپوريشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ميرپوربٺورو ۾ ڏڙو ٽائون ڪميٽي جي عورت ڪائونسلر جو پلاٽ تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاج

منهنجي مامي الهڏنو سولنگي جي پلاٽ تي ڪنگائي برادري جي ڄاڻايل ماڻهن قبضو ڪري مٿس تشدد ڪيو آهي

ميرپور بٺورو (ن م)پ پ ليڊيز ونگ ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گهوٽڪي جي پٽي محلا جي رهواسڻ ناري جو سهري جي زيادتين خلاف احتجاج

سهرو انور پٽي گهر ۾ رهڻ نه ٿو ڏي مون کي مڙس سان رهڻ ڏنو وڃي

سهرو ناجائز زيادتيون ڪري رهيو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي : سڪينه زال تنوير پٽي

گهوٽڪي(د ر) گهوٽڪي ۾ پٽي محلي جي رهواسڻ ناري سڪينه زال تنوير پٽي جو معصوم پٽ سميت سهري انور پٽي جي زيادتين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

گهوٽڪي: پٽي محلا واسڻ ناري سهري جي زيادتين خلاف ميڊيا آڏو دانهيندي

حيدرآباد ۾ آپڪا امن گروپ جو حيسڪو جي ڪچي ملازمن کي پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد (پ ر) آپڪا سنڌ امن گروپ جي صوبائي سينيئر نائب صدر محسن مهدي قريشي،/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٽکراڻو ۾ ڊرگ انسپيڪٽر جا ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا، 2 ميڊيڪل اسٽور سيل

ٽکراڻو(ن م) ٽکراڻو ۾ ڊرگ انسپيڪٽر جو غيرقانوني ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپو 2/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

نورين فاطمه مهر قتل ڪيس سيوهڻ کان ڄامشورو جي عدالت ۾ منتقل

ڄامشورو(عابد عباسي) نورين فاطمه مهر مبينا قتل ڪيس وارو معاملو جينڊر بائيز ايڪٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ماتلي ۾ دماغي بيمارين جي علاج لاءِ طبي ڪئمپ لڳائي وئي

ماتلي (ن م) ماتلي جي هڪ مقامي ميڊيڪل سينٽر ۾ دماغي بيمارين جي علاج جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڊائريڪٽر ثقافت حيدرآباد حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ جي تيارين جو جائزو ورتو

متياري (د ر) ڊائريڪٽر ثقافت حيدرآباد شير محمد مهر سنڌ جي صوفي شاعر حضرت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

درگاهه ڀٽائي تي ڪم ڪندڙ اوقاف ملازمن جي مدي ۾ واڌ نه ٿي سگهي

متياري (د ر) درگاهه ڀٽائي تي ڪم ڪندڙ اوقاف ملازم نظر انداز قلندر جي درگاهه تي ڪم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

لمس يونيورسٽي ۾ انٽر ڪلاس ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد

ڄامشورو (د ر) ڄامشورو جي ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس لياقت يونيورسٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سرڪاري کاتن ۾ بدعنواني بابت شڪايتن جي حل لاءِ وفاقي محتسب جو ادارو موثر فورم آهي: رضوان احمد

حيدرآباد (رپورٽ فاضل چنا) وفاقي محتسب اعليٰ پاڪستان جي حيدرآباد ۾ ريجنل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ٽل پرسان قائم اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار، احتجاج

ٽل (ن م) ٽل لڳ يوسي دين پور جي ڳوٺ علي بخش سومرو جي اسڪول جي بلڊنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

بدين ۾ ماءُ جي کير جي اهميت بابت سيمينار منعقد

بدين (د ر) ماءُ جي کير جي اهميت متعلق عالمي سطح تي مهينو ملهايو پيو وڃي ان سلسلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

حيدرآباد جي عبدالغفور شاهه ڪالوني جي رهواسي گوپانگ برادري جو ٻن پٽن جي اغوا خلاف احتجاج

۾ پٽ علي حيدر ۽ دلشير گوپانگ هٿيارن جي واپارين علي شير خواجه ۽ اڪبر خواجه وٽ ڪم ڪندا آهن

هٿيارن جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ شريڪ نه ٿيڻ تي کين گم ڪرايو ويو آهي، پٽن کي بازياب ڪرايو وڃي: اڪبر گوپانگ

حيدرآباد (چيف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي عبدالغفور شاهه ڪالوني جي رهواسي گوپانگ برادري جي عورتن ۽ مردن بااثر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڏهرڪي اسٽوڊنٽس ڪائونسل پاران ضلعي کي يونيورسٽي ڏيارڻ لاءِ احتجاج

شاگردن ۽ سول سوسائٽي پاران ڊگري ڪاليج کان ريلي ڪڍي جيڪا ڀٽائي چوڪ تي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي

ميرپورماٿيلو شهر ۾ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

ميرپورماٿيلو(ت ر) ڪراچي کان بعد سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ڏيندڙ گهوٽڪي ضلعي ۾ يونيورسٽي جي قيام لاءِ گڏريل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪورنگي جي زمان ٽائون ۾ پوليس سرپرستي ۾ منشيات جا دڪان کليل

پوليس پاران رشوت عيوض منشيات فروشن کي ڇوٽ مليل، شهرين جي شڪايت تي به ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي

منشيات فروشن جي سرپرستي ڪندڙ پوليس عملدارن کي برطرف ڪري منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪورنگي (ن م) ڪراچي ڪورنگي ٽائون جي حد يوسي 11 جي وارڊ نمبر02 پيما ڳوٺ امام بارگاهه ۾ منشيات فروشن پنهنجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٿل ۽ جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ پاران حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

مختلف تنظيمن ۽ شهرين پاران ڊاڪٽر اي جي انصاري مٿان حملو ڪندڙن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو

هڪ هفتو گذرڻ باوجود بااثر هجڻ سبب جوابدارن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي جيڪو افسوسناڪ عمل آهي: اڳواڻ

ٿل/جيڪب آباد (نمائندن وٽان) ٿل ۽ جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ پاران مختلف تنظيمن ۽ شهرين پاران ڊاڪٽر اي جي انصاري/ڏسو صفحو 3بقايا نمبر21

ٿل: جي يو آءِ پاران ايس ايس پي آفيس آڏو هنيل ڌرڻي جو ڏيک

حيدرآباد ۾ حيسڪو جون ڪارروايون، ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

سب ڊويزن سٽيزن ڪالوني پاران بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

اسان جو مقصد حقيقي صارفين کي بنا لوڊشيڊنگ جي بجلي جي فراهمي آهي: عملدار

حيدرآباد (رپورٽ : فاضل چنا) حيسڪو چيف جي خصوصي هدايتن تي حيسڪو سب ڊويزن سٽيزن ڪالوني طرفان ايس اي فرمان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سڪرنڊ جي رهواسي ڪوسا برادري جو عورت جي اغوا خلاف حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج

بااثر غلام قادر چانڊيو، حيدر چانڊيو ۽ ٻين نياڻي نظيران عرف پياري کي اغوا ڪيو آهي

مغوي نياڻي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي، پٽ بڻيل پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد (چيف رپورٽر)سڪرنڊ جي ڳوٺ پنهون چانڊيو جي رهواسي ڪوسا برادري جي عورتن بشيرا ڪوسو حسينا ڪوسو وحيده/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

عمرڪوٽ ڊسٽرڪٽ وومين گروپ جو وفد دادو پريس ڪلب پهتو

سماجي تنظيم سي آر سي آفيس جي اڳواڻ جنت قائم خاني جي اڳواڻي ۾ آيل وفد جي آجيان ڪئي

اسين ماروي جي علائقي مان آيل ڀينرن کي ڀليڪار چئون ٿا:صدر پريس ڪلب دادو صابر پنهور

دادو(د ر) عمرڪوٽ ضلعي ۾ عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ڊسٽرڪٽ وومين گروپ جو وفد جنت قائمخاني جي اڳواڻي ۾ دادو پهتو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

حيدرآباد ۾ مبينا قتل ٿيل عورت جي خون سان انصاف نه ٿيو

ڌيءُ شاهينه جي قتل ۾ شڪ آهي ته ناني ڊاڪٽر احمد علي زرداري ملوث آهي:حسنه بروهي

جي آءِ ٽي تي خدشا آهن،نوٽيس وٺي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي

حيدرآباد(چيف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي سٽيزن ڪالوني جي رهواسڻ مسمات حسنه بروهي زال محمد سليم پنهنجي گهرڀاتين سميت حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

پنوعاقل ۾ نوجوان اغوا، وارثن جو قومي شاهراهه تي ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج، پوليس انتظاميه غائب

رات دير سان نوجوان عبدالجبار چاچڙ کي هٿياربند ڌاڙيل اغوا ڪري ويا، سنڌس موٽرسائيڪل ۽ هيلميٽ ڪجهه مفاصلي تي رستي تان هٿ آيا

چاچڙ برادري پاران قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ايس ايس پي ۽ ٻيا پوليس عملدار غائب، رهيا، سردار پپو خان پهچي ڳالهين بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

پنوعاقل (ت ر) پنوعاقل جي گندو ڪري قاتڪ ويجهو نوجوان اغوا، وارثن پاران قومي شاهراهه بلاڪ، ڌرڻو ٽائرن کي باهيون، سٽي پوليس ۽ انتظاميه غائب، رات دير سان پنوعاقل کان پنهنجي ڳوٺ ڪوٽو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36

گهوٽڪي پوليس جي ڪارروائي، گهربل جوابدار گرفتار

گهوٽڪي(د ر) گهوٽڪي پوليس جي ڪارروائي روپوش، اشتهاري ۽ ٻين ڏوهارين/ڏسو صفحو 3بقايا نمبر35

سانگهڙ پوليس جي ڪارروائي، موٽرسائيڪل چور گروهه جو هڪ جوابدار گرفتار

هڪ موٽرسائيڪل چور محمد بخش خاصخيلي کي گرفتار ڪري پنج موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون آهن:ڊي ايس پي

شهرين جي شڪايت تي چورن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو آهي جلد امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو ويندو: ايس ايڇ او

سانگهڙ(ت ر) سانگهڙ پوليس جي ڪارروائي، موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه جو هڪ چور گرفتار، پنج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر37

سانگهڙ: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار

ضلعي نوشهروفيروز جي خانداني سياستدان ڊاڪٽر احمد علي شاهه جي مان ۾ آجياڻو

ڪنڊيارو(س ر)اڳوڻو ايم پي اي ۽ ضلعي نوشهروفيروز جو پراڻو خانداني سياستدان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

گستا يونٽ دريا خان مري جي طرفان ٽريزري آفيس طرفان فلڊ جا پيسا واپس نه ڪرڻ خلاف احتجاج

درياخان مري (ن م) گستا يونٽ دريا خان مري تعلقا نوشهرو فيروز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ماتلي جي رهواسڻ عورت جو پيٽ جي اغوا خلاف حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج

حيدرآباد (چيف رپورٽر) ماتلي جي رهواسڻ حيات خاتون پنهنجي پيٽ ڪلثوم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

خوشحال سنڌ کي ڪرپٽ حڪمرانن تباهه ڪري ڇڏيو آهي: صنعان قريشي

سنڌ هن وقت مشڪل صورتحال مان گذري رهي آهي، سنڌ جي ٻچي ٻچي کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

امير سنڌ جا مارويڙا پنهنجي پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ پنهنجون نياڻيون وحشين جي ٻنگلن حوالي ڪري ڇڏيون آهن

متياري (د ر) جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين صنعان خان قريشي متياري پهچي پارٽي اڳواڻ سجيل احمد سالاريو جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر38

گهوٽڪي: راجپوت برادري جي معزز ايڊووڪيٽ رانا محمد جاويد سان والده جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

گهوٽڪي(د ر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ راجپوت برادري جي معزز شخصيت ايڊووڪيٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

راڻيپور ۾ قتل ٿيل معصوم نياڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ انوکو احتجاج

سڄاڳ فورم فاطمه قرڙو واقعي خلاف انصاف جو ترازو کڻي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪيو

احتجاج ڪندڙن پاران مقتولا نياڻي جي قاتلن کي سرعام ڦاهي ڏيڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي(ن م) راڻيپور ۾ قتل ٿيل معصوم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر39

خانپور مهر ۾ نيشنل بينڪ طرفان زرعي لون جي حوالي سان آگاهي پروگرام

خانپورمهر(ن م) خانپورمهر ۾ وزيراعظم ڪسان پيڪيج تحت نيشنل بينڪ طرفان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

اسلام ڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ انتظاميا پاران عوام کي لٽڻ جو سلسلو جاري

شهر ۾ قائم پمپن تي غيرقانوني طور ايراني تيل سستو خريد ڪري مهانگي اگهه تي وڪري جو انڪشاف ٿيو آهي

پمپن جا مالڪ رات وقت تيل جا ٽئنڪر اٽي خالي ڪري بعد ۾ تيل مڪس ڪري وڪرو ڪيو ويندو آهي: شهري

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڄاول ٻجير) اسلام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر40

خيرپور ميونسپل جي رٽائرڊ سينٽري انسپيڪٽر مرحوم لالا برڪت جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

خيرپور (د ر) ميونسپل ڪاميٽي جي رٽائرڊ سينٽري انسپيڪٽر مرحوم لالا برڪت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سيٺارجا ۾ آبادگارن جو پاڻي جي کوٽ، داروغي جي ناانصافين ۽ ڪرپشن خلاف احتجاج

مختلف شاخن مان غير قانوني واٽر ڪورس جوڙائي آبادگار پاڻي چورائي زمينن کي بنجر بڻايو پيو وڃي

سيٺارجا(ن م)علي بحر واهه، ڪوبري شاخ، لنڊي مائنر، موجائي شاخ، پير وسڻ مائنر جي آبادگارن ڊاڪٽر ماجد چيما، شاهد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر41

چاچڙو ۾ پي پي ايڇ آءِ جي ملازم جي تڏليل واري معاملي جو ايس ايس پي ٿرپارڪر نوٽيس ورتو

اسلام ڪوٽ(ن م)چاچڙو ڳوٺ مبارڪ رند جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

حرجماعت جي معزز شخصيت فقير دودو خان چنڙ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ محمد خان چنڙ لوڙهو ۾ ادا ڪرڻ بعد نانگي شاهه جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

جنازي نماز ۽ تدفين ۾ سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پونيئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري

جهول (منار ڪوري) حرجماعت جو معزز دعوتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر42

خيرپور جي واپارين جي وفد جي ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ۽ سي ايم او سان ملاقات

واپارين جي وفد صدر عاشق حسين عباسي جي اڳواڻي ۾ چيئرمين ۽ سي ايم او کي شهر جي مسئلن کان آگاهه ڪيو

چيئرمين ڊاڪٽر يار محمد قلپوٽو واپارين کي شهر جي صفائي سترائي جو يقين ڏياريو

خيرپور (در/ ڪرائيم رپورٽر) انجمن تاجران ڪميٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پ پ جي پنج سالن جي دور ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا: غزالا سيال

اسان جي ڪوشش آهي ته علائقي جي ماڻهن جا مسئلا حل ٿي سگهن

سيٺارجا(ن م) سنڌ حڪومت پاران چار ڪروڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

بقايا 01

سمجهن ٿا ته هو اسان جو طرز زندگي بدلائيندا ته انهن کي پنهنجي غلط فهمي دور ڪرڻ گهرجي. بٽگرام چيئرلفٽ واقعي تي پوري دنيا جون نظرون هيون. دنيا ڏسي رهي هئي ته پاڪستان هن مشڪل کي ڪيئن منهن ڏيندو، ڪروڙين ماڻهو پريشان هئا پرلفٽ ۾ ڦاٿل ٻارڙن فوجين کي ڏسي چيو ته اسان بچي ويندا سين. ريسڪيو آپريشن جي ڪاميابي لاءِ بهترين حڪمت عملي تيار ڪندڙن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، مادر وطن لاءِ قربانيون ڏيندڙ اسان جا هيروز آهن. زندگي جي هر شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙن تي اسان کي فخر آهي. وزيراعظم هائوس ۾ چيئر لفٽ آپريشن ۾ حصو وٺندڙن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، نگران وزيراعظم چيئر لفٽ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچائيندڙ ايس ايس جي ڪمانڊوز ۽ آپريشن ۾ حصو وٺندڙ مقامي ماڻهن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا.

بقايا 02

اليڪشن ڪمشنر جي دعوت تي چيف اليڪشن ڪمشنر سان الڳ الڳ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ چونڊ روڊ ميپ ۽ تڪ بندين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل بيان موجب چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اليڪشن ڪميشن جو ٻيهرين اجلاس ٿيو جنهن ۾ اليڪشن روڊ ميپ بابت سياسي پارٽين سان مشاورت ڪئي وئي، جنهن ۾ سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر شريڪ هئا. پڻ شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي اڄ 2 وڳي طلب ڪيو ويو آهي، جنهن کانپوءِ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي نمائندن کي 3 وڳي چونڊ روڊ ميپ تي موقف ڏيڻ لاءِ چيو ويو آهي. ڪميشن جي اجلاس ۾ ڊاڪٽر بابر اعوان، بئريسٽر علي ظفر، عمير نيازي ۽ علي محمد خان وڊيولنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي طرفان مولانا عبدالغفور حيدري، جلال الدين، مولانا درويش، ڪامران مرتضيٰ ۽ ٻين شرڪت ڪئي،پي ٽي آءِ وفد ان ڳالهه تي زور ڏنو ته آئين موجب 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وڃن ڇو ته ان وقت تڪ بندين جي ڪا ضرورت ناهي. هن مطالبو ڪيو ته پارٽي جي مختلف گرفتار اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. پارٽي کي سياسي جلسا ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ پي ٽي آءِ کي ٻين سياسي پارٽين وانگر سياست ۾ برابر جا موقعا ڏنا وڃن. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن ٻنهي پارٽين جي نمائندن کي يقين ڏياريو ته اليڪشن ڪميشن جي ڪوشش آهي ته اليڪشن جلد کان جلد ڪرائي وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته چونڊن ۾ سڀني پارٽين کي برابر جا موقعا ملن. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته چونڊن ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو ۽ سياسي پارٽين سان مشاورت جو اهو سلسلو مستقبل ۾ به جاري رهندو.

بقايا 03

چونڊن کانپوءِ نواز شريف آڪٽوبر يا نومبر ۾ وطن واپس ايندو، وطن واپسي تي نواز شريف پنهنجي اباڻي شهر لاهور ۾ لينڊنگ ڪندو جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويندو.7

بقايا 04

سنڌ پوليس جي لاءِ پيغام ۽ نئين هدايت جاري ڪري ڇڏي. تفصيل مطابق آئي جي سنڌ رفعت مختار سنڌ پوليس کي عام چونڊن لاءِ محفوظ ماحول يقيني بڻائڻ جي هدايت ڏني. نئين آئي جي سنڌ رفعت مختار پاران ٽن زبانن سنڌي انگلش ۽ اردو ۾ پيغام جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ چيو آهي ته الله جو ڪرم آهي مون کي سنڌ پوليس جي 84 آئي جي جي ڪمانڊ بخشيو ويو آهي. سنڌ پوليس فورس جي ڪمانڊ ۽ رهنمائي منهنجي لاءِ قابل فخر ۽ اعزاز آهي. شهداءِ سنڌ پوليس اهلڪار اسان جي لاءِ رول ماڊل آهن انهن جي اهل خانه جي فلاح ۽ بهبود اسان جي ذميواري آهي. آئي جي رفعت مختار چيو آهي ته پوليس موثر انداز ۾ جرم، دهشتگردي جي خلاف سرگرم عمل آهي. آئينده يا مستقبل ۾ پيش ايندڙ چئلينجز کان نمٽڻ ۾ سنڌ پوليس جي ترجيحات هونديون. هن چيو آهي ته عام چونڊن جي لاءِ پرامن ۽ محفوظ ماحول جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. هڪ ٽيم جي حيثيت سان خواهش آهي ته اسان ملي ڪري اڳتي وڌون . آئي جي سنڌ رفعت مختار وڌيڪ چيو آهي ته اسان جي زندگي ۽ ڪارڪردگي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان صوبي ۽ ملڪ سان محبت ڪندا آهيون.1

بقايا 05

سان ٽڪرهٽي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ابوالحسن اصفهاني روڊ تي ڪار هلائڻ دوران مبينه شخص ڪار سان پوليس اهلڪارن کي ٽڪرهٽي فرار ٿي ويو جنهن ۾ ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا ۽ ڪار تي سوار ملزم موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سچل ٿاڻي جي حد ۾ معروف بيڪري جي ويجهو گشت تي معمور سچل ٿاڻي جي موٽر سائيڪل سوار ٻن اهلڪارن کي هڪ مشڪوڪ ڪار کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته ڪار سوار فرار ٿي ويو هيڊ محرر اي ايس آءِ خميسا خان جي مطابق موٽر سائيڪل سوار اهلڪارن ڪار نه روڪڻ تي تعقب شروع ڪيو جنهن ۾ ڊرائيور شيشي ۾ ڏسندي ڏسندي ڪار کي هيڏي هوڏي گلين ۾ پڄائڻ شروع ڪيو پوليس اهلڪارن ڪار جو پيڇو جاري رکيو ان دوران ڪار ٻيهر ابو الحسن اصفهاني روڊ تي اچي وئي ۽ موٽر سائيڪل سوار ڪار جيئن ئي ڪار جي اڳيان اچي ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪار سوار موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر هڻي ڪچلي ڇڏيو ۽ موقعي تان فرار ٿي ويا.1

بقايا 06

BTk_255 هوندا مومل اعجاز جي نالي تي رجسٽرڊ آهي 15 آگسٽ تي ڊفينس فيز 6 ۾ بااثر شخصيت جي پٽ عبدالله نالي نوجوان کي ڪار هيٺان ڪچلي ڇڏيو فوٽن ۾ تيز رفتار ڪار کي شهري جي موٽر سائيڪل تي چڙهي ڏسي سگهجي ٿو حادثي جي وقت گاڏي اهم شخصيت جو پٽ هلائي رهيو هو جڏهن ته تيز رفتار ڪار جا شيشا به خلاف قانون مڪمل ڪارا هيا هن ضمن ۾ پوليس جو چوڻ هو ته واقعي جو مقدمو درج ڪيو ويو آهي. تاهم گاڏي جي سموري تفصيلات ملڻ جي باوجود پوليس ڪنهن به قسم جو قدم نه کنيو آهي.1

بقايا 07

بازيابي کان به لاعلم آهن آخر پوليس ۾ هن وقت چا هلي رهيو آهي خميس تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لاپته ماڻهن جي بازيابي کان متعلق درخواستن جي ٻڌڻي پوليس اهلڪار لاپته شهري جي واپسي کان به لاعلم آهي. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو پوليس جي سرزنش ڪئي ته جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ريمارڪس ڏيئي ٻڌايو ته گم ٿيل شهري جي بازيابي متعلق ڪهڙي پيش رفت ٿي؟ پوليس اهلڪارن چيو آهي ته لاپته شهري جي ڪا خبر نه ملي سگهي درخواست گذار وڪيل موقف ڏنو آهي ته لاپته شهري خانزاده واپس گهر اچي ويو آهي. درخواست وڌيڪ نٿا هلائي سگهون جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ريمارڪس ڏيندي چيو آهي ته هي چا هلي رهيو آهي؟ پوليس شهري جي بازيابي کان به لاعلم آهي پوليس جي وڏي افسوسناڪ صورتحال آهي عدالت شهري طرفان درخواست واپس ڪرڻ تي نمٽائي ڇڏي.1

بقايا 08

سنڌ ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي 21 سيپٽمبر تي طلب ڪري ڇڏيو هي نوٽيس محتسب اعليٰ سنڌ جي ملازمن پاران دائر ڪئي وئي. درخواست جي جواب ۾ جاري ڪيو ويو درخواست تي موقف اختيار ڪيو ته محتسب سنڌ جي ملازمن کي آساميون هجڻ جي باوجود ۽ ڪئي پيرا مطالبي تي 2013 ۾ پرموشن نه ڏني وئي ۽ رولز نه ٺهڻ جو بهانو ڏنو ويو جڏهن ته 30 اپريل 2022 تي 4 منظور نظر ملازمن جي رولز عدم موجودگي ۾ رات جي انڌيري ۾ پرموشن ڏنو ويو جنهن کان پوءِ مايوس ٿي ملازمن پنهنجي حق لاءِ عدليه سان رجوع ڪيو.1

بقايا 09

ڪرڻ جي احڪامن لاءِ درخواست جي ٻڌڻي دوران اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي عدالتي معاونت جي لاءِ طلب ڪيو ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت ۾ چيو آهي ته نئين حلقه بندين جي لاءِ مختلف ٽائيمز لائنز آهن جنهن کي گهٽ ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جي لاءِ ممڪن نه آهي. انهن چيو آهي ته انتهائي حساس معاملو آهي ٽائم لائن جي مطابق نئين حلقه بندين جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا گهربل آهن عدالت ريمارڪس ڏنا ته انهيءَ جي لاءِ هرڪوئي ان معاملي ۾ حساس آهي عدالت استفسار ڪيو آهي ته جون ۾ مردم شماري ٿيندي ان جي منظوري چو نه ڏني وئي آهي. جيڪا به ٽائيم لائن نهندي آهي ان کي 90 ڏينهن جي اندر آندو ويندو لاهور هاءِ ڪورٽ پاران وڌيڪ چيو ويو آهي ته اسيمبليون اچانڪ تحليل ٿيون ٿي سگهن هن معاملي سان هر ڪوئي آگاهه هيو. عدالت جي ٻڌڻي 6 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪندي ريمارڪس ڏنا ته جيڪا به ٽائيم لائن آهي اليڪشن ڪرائڻ جي ٽائيم لائين 90 ڏينهن آهي.1

بقايا 10

ٻنهي ملزمن کي سزا ڏني وئي تفصيلات مطابق انسداد دهشتگردي عدالت ٻنهي ملزمن کي مختلف جرمن ۾ 19 سالن جي قيد ٻڌائي ڇڏي عدالت ملزمن کي 80 هزار رپيا في ڪيس جرمانو به عائد ڪيو پراسيڪيوٽر مطابق ملزمن کي پوليس مقابلي کان پوءِ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو سرڪاري وڪيل چيو اهي ته سائيٽ ٿاڻي جي حد ۾ چوري دوران مزاحمت تي هڪ شخص کي زخمي به ڪيو ويو.1

بقايا 11

۾ چنگچي لوڊر رڪشائن جون بيٽريون، سائلنسر، ٽائر، گاڏي جون چيئنون ۽ ٻيو 5 لک روپين کان وڌيڪ جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن هن چيو ته ميرپورخاص حيدرآباد مڪ روڊ تي جيڪو 24 ڪلاڪ هلندڙ آهي ان روڊ تي موجود دڪان ۾ ڪاٽ لڳڻ سواليا نشان آهن هن چيو ته پوليس کي اطلاع ڪرڻ تي پوليس اين سي داخل ڪئي آهي پر هن وقت تائين ڪا به ڪاروائي نه ڪئي وئي آهي هن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته دڪان مان چوري ڪرڻ ۾ ملوث نامعلوم چورن کي گرفتار ڪري سامان برآمد ڪرايو وڃي ۽ مڪ روڊ تي پوليس جي پيٽرولنگ ۾ اضافو ڪري دڪاندارن ۽ رهواسين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12

وڌيڪ گرانٽ وٺڻ وارن ادارن کي به آڊٽ ڪرائڻ لازمي هوندو سنڌ جي نگران حڪومت حڪم ڏنو آهي ته سڀني شهرت واري پرائيويٽ ادارن مان گرانٽ جو آڊٽ ڪرائين هڪ ارب کان وڌيڪ گرانٽ وٺندڙ ادارا به چئن وڏين ڪمپنين کان گرانٽ جو آڊٽ ڪرائين سنڌ حڪومت سان گرانٽ وٺڻ جي صحت وارن ادارن ۾ 34 سرڪاري ۽ غير سرڪاري اسپتال ۽ اين جي اوز شامل آهن نگران صوبائي حڪام سان سنڌ حڪومت جي گرانٽ وٺندڙ طبي ادارن کي سنڌ حڪومت جي تشهير جو به حڪم ڏنو گرانٽ وٺندڙ ادارا هڪ سيڪڙو کان گهٽ رقم سنڌ حڪومت جي تشهير تي به خرچ ڪن.1

بقايا 13

دوران ٻارڙن تي جنسي تشدد جا واقعن جي جاري ڪندڙ رپورٽ، 2227 ٻارڙن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو رپورٽ مطابق سال 2023 جنوري کان جون دوران 1207 ٻارڙين جڏهن ته هڪ هزار 20 ٻارن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هن واقعن سان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هن سال 2023 جنوري کان جون روزانو 12 ٻارڙا جنسي تشدد جو شڪار بڻجن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي ڪوآرڊينيٽر انسر سجاد پٽي لاهور پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو انهن سان گڏ ساحل جي ريجنل ليگل ايڊ کي آرنيٽر عاطف عدنان خان ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ ۽ ٻيا به موجود هئا رپورٽ مطابق گهٽ عمر جي شادي جا 14 واقعا جڏهن ته هڪ واقعي ۾ ٻارڙي کي اغوا ڪيو ويو 22 ٻارڙين ۽ ٻارڙن کي مدرسن ۾ جنسي تشدد ڪيو ويو اهڙي طرح اسپتال، هوٽلن، ڪاليج جيل فيڪٽري پوليس اسٽيشن، شادي هال قبرستان ۽ ٻين جڳهين تي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو سال 2023 ۾ ٻارڙن تي تشدد جا واقعا سيني کان وڌيڪ صوبي پنجاب ۾ ڪل 1648 ٻارڙا صوبائي سنڌ ۾ 314، صوبي بلوچستان ۾ 24 ۽ اسلام آباد ۾ 161 ۽ خيبرپختونخواه ۾ 74، جڏهن ته آزاد ڪشمير ۾ 4 ٻار جنسي تشدد جو نشانو بڻيا. 17 واقعا پوليس رپورٽ نه ڪيا جڏهن ته 233 واقعا مختلف اخبارن ۾ معلومات سان رپورٽ نه ٿيا سال 2023 جنوري کان جون دوران 963 واقعا اهڙا رونما ٿيا جنهن ۾ ٻارڙن جي زندگي خطري ۾ رهي 760 ٻارڙن جي موت 265 ٻار ٻڏي فوت، 148 ٻارڙن جا قتل، ۽ 144 ٻارڙا اسڪينڊنٽ ٿيا رپورٽ مطابق سال 2023 جنوري کان جون دوران لاهور ۾ 56 ٻار جنسي تشدد جو نشانو بڻيا اسان حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا ته ٻارن تي ٿيندڙ تشدد کي روڪيو وڃي ٻارن کي جنسي تشدد کان بچائڻ لاءِ حڪمت عملي هلائي وڃي ٻارن جي لاءِ نوان قانون ناهيا وڃن ۽ جنسي تشدد سان متاثر ٻارڙن جي لاءِ اسپورٽس سسٽم قائم ڪيو وڃي.

بقايا 14

کي لکيو جوابي خط ۾ چيو ته قومي اسيمبلي آئين جي آرٽيڪل 58-ون جي تحت وزيراعظم جي سفارش تي صدر 19 آگسٽ تي تحليل ڪئي هائي اليڪشن جي سيڪشن 57 ۾ 26 جون جي ترميم ڪئي. ان ترميم کان پهريان صدر اليڪشن جي تاريخ جي لاءِ ڪميشن سان مشاورت ڪيو هوهائي سيڪشن 57 ۾ ترميم کان پوءِ اليڪشن ڪميشن کي تاريخ يا تاريخون ڏيڻ جو اختيار آهي خط ۾ چيو ويو ته آئين جي آرٽيڪل 84-5 کي آئين جي آرٽيڪل 58-2 سان گڏ پڙهيو وڃي. وزيراعظم جي سفارش تي اسيمبلي تحليل ڪئي وڃي ته ڪميشن کي عام چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جوا ختيار آهي گذريل ڏينهن صدر مملڪت ڊاڪٽر عارف علوي ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جي فيصلي جي لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا کي خط لکيو هو جنهن ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر کي چونڊن جي تاريخ جي لاءِ ملاقات جي دعوت ڏني. چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ اليڪشن ڪميشن جو اجلاس ٿيو.جنهن ۾ صدر پاران چيف اليڪشن ڪمشنر کي ملاقات جي دعوت لاءِ اماڻيل خط جو جائزو ورتو ويو.جنهن کانپوءِ صدر کي جوابي خط لکي ملاقات ڪرڻ کان معذرت ڪئي وئي جڏهن ته ايوان صدر اليڪشن ڪميشن جي جوابي خط تي قانون ۽ انصاف واري وزارت کان راءِ طلب ڪري ورتي. ايوان صدر موجب صدر جي ڪالهوڪي خط جي جواب ۾ اليڪشن ڪميشن جي موقف تي قانون واري وزارت کان راءِ گهري آهي. بيان ۾ چيوويو ته صدر طرفان قانون واري وزارت جي سيڪريٽري نالي اليڪشن ڪميشن جي جوابي خط تي قانوني راءِ بابت خط لکيو ويو آهي. بيان موجب اليڪشن ڪميشن جو موقف آهي ته چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار رکو اليڪشن ڪميشن وٽ آهي.

بقايا 15

حملي ڪيس ۾ گرفتار ڏوهارين جي ٻڌڻي جي معاملي تي پي ٽي آئي اڳواڻ عاليه حمزه ۽ خديجه شاهه سميت ٻين جي ٻڌڻي جي درخواست ملتوي ڪئي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ حملي ڪيس ۾ گرفتار ملزمن جي ضمانت جي لاءِ دائر درخواست جي ٻڌڻي جسٽس وحيد خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ جي درخواستن تي ٻڌڻي درخواست گذارن پاران موقف اختيار ڪيو ويو ته درخواست گذارن جي سڃاڻپ پريڊ ۾ قانون جا تقاضا پورا نٿا ڪيا وڃن واقعي ۾ ڪا به سرڪاري اهلڪار زخمي نه ٿيو انسداد دهشتگردي اطلاق ڪيس ۾ نه ٿيو ملزمن طرفان درخواست ۾ چيوويو آهي ته عدالت قانوني تقاضن جي برعڪس ضمانت جون درخواستون خارج ڪيون. درخواست گذارن پاران استدعا ڪئي وئي عدالت درخواست گذار جي ضمانت منظور ڪري آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏي. ان ڪيسن کي ريگيولر ڊويزن پنچ ٻڌندي ڪندي. ٻڌايو وڃي ته پراسيڪيوٽر سومر تي پيش ٿيندا ته صحيح نه ته عدالت فيصلو ڪندي. پي ٽي آئي جي اڳواڻ عاليه حمزه، خديجه شاهه سميت ٻين جي ضمانت درخواستن تي ٻڌڻي 28 آگسٽ تائين ملتوي.1

بقايا 16

گاڏين ۽ عملي کي يرغمال بڻايو تفصيل مطابق ٽريفڪ ٽيمر مارڪيٽ جي بجلي ڪٽڻ جي لاءِ پهتي ته ان دوران دڪاندارن عملي تي چماٽن جو مينهن وسايو تن گاڏين ۽ عملي کي يرغمال بڻايو صدر جي تمبر مرچنٽ گروپ شرجيل گوڪلاڻي چيو آهي ته اليڪٽرڪ جو عملو مارڪيٽ جي بجلي ڪٽڻ ويو هو ته اليڪٽرڪ عملو دڪان جا ميٽر ۽ جمپر ڪٽڻ ۾ مصروف هئا شرجيل گوڪلاڻي چيو آهي ته جڏهن عملي کي ميٽر لاهڻ ۽ جمپر ڪٽڻ کان منع ڪيو ويو ته هو نه مڃيا جنهن تي دڪاندارن عملي ۽ گاڏين کي يرغمال بڻايو صدر ٽمبر مرچنٽ گروپ شرجيل گوڪلاڻي چيو آهي ته اليڪٽرڪ عملي کي ڪارخاني ويهاري ڇڏيو آهي گهر آهي پاڻي، پکو به فراهم ڪيو ويو آهي.1

بقايا 17

ڌيءُ ڇڏيو.عدالت توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي جو حڪم نامو جاري ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين جي جيل ۾ حالتن بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي،مناسب هوندو ته پي ٽي آءِ جي سپريم ڪورٽ ۾ داخل اپيلن تي فيصلي کان اڳ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار ڪيو وڃي.

بقايا 18

سالن کان پوءِ بازياب ٿي ڪري سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو عدالت عاليه محمد دانش خان جو شناختي ڪارڊ بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. خميس تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ جي روبرو ٻڌڻي جي ايم ڪيو ايم جي ڪارڪن محمد جاويد 6 سالن کان پوءِ بازياب ٿي پهچي ويو. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو مقالمي ۾ چيو آهي ته اوهان ڪٿي هئا ڪير وٺي ويو هو توهان کي جاويد خان چيو ته مون کي ڪا به خبر نه آهي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ريمارڪس ڏنا ته ڪجهه ته ٻڌايو ته ٻين جو پلو ٿئي ها. ڪو ته آڏيو هوندو ڪهڙي ايجنسي هئي. محمد جاويد خان چيو ته مون کي ڪا به خبر نه آهي، اکين تي پٽي ٻڌل هئي. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو استفسار ڪيو ته 6 سالن کان اکين تي پٽي؟ ڪٿي رکيو هو؟ جسٽس ڪوثر سلطانه، استفسار ڪيو ته اوهان کان ڪهڙي پڇا ڳاڇا ٿي هئي. ڪجهه ته ٻڌايو عدالت کي محمد جاويد چيو ته مون کي ڪا به خبر نه آهي مون کي ڪٿي رکيو هو منهنجو تعلق ايم ڪيو ايم پاڪستان سان آهي تنهن ڪري کنيو ويو هو سياسي بنيادن تي کڻي ويا هئا. مون کي ڪا به خبر نه آهي مون کي 500 رپيا ڏئي روڊ تي ڇڏيو ويو لاپته جاويد جي ماءُ عدالت ۾ چيو ته منهنجو پٽ 6 سالن کان پوءِ اچي ويو آهي وڏي ڳالهه آهي. عدالت جي حڪم تي منهنجي پٽ جو شناختي ڪارڊ بلاڪ ڪيو ويو هو کولڻ جو حڪم ڏنو وڃي. منهنجي پٽ جي واٽر بورڊ ۾ ملازمت بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته شناختي ڪارڊ ۽نوڪري جي بحالي ان درخواست ۾ نٿي ٿي سگهي عدالت ريمارڪس ڏنا ته چونٽي تي سگهي ايجنسي کڻي وئي هئي ايترا سال رکيو عدالت محمد جاويد خان جو شناختي ڪارڊ بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته واٽر بورڊ محمد جاويد جي ملازمت بحالي جي متعلق جائزو وٺي بازيابي جي درخواست نمٽائي ڇڏي.1

بقايا 19

ريمانڊ تي قيد ملزمان منظور قادر ڪاڪا ۽ خيرمحمد جي ضمانت جي لاءِ عدالت سان رجوع ڪري ڇڏيو تفصيل مطابق سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نسل ٽاور جي لاءِ غيرقانوني طور تي اضافي زمين ڏيڻ جي ڪيس ۾ گرفتار اڳوٽي ڊي جي ايس بي سي اي منظور قادر ڪاڪا ۽ خيرمحمد ضمانت جي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ڇڏيو ٻنهي ملزمن پاران درخواست ضمانت داخل ڪئي وئي آهي عدالت ملزم جي درخواست ضمانت تي فريقن کي نوٽيس جاري ڪندي پنج سيپٽمبر تائين فريقن کان جواب طلب ڪيو واضح رهي ته صوبائي اينٽي ڪرپشن ٻنهي ملزمن جي درخواست جي ٻڌڻي مسترد ڪري ڇڏي هئي. هي ٻئي ملزم عدالتي ريمانڊ تي جيل ۾ آهن ملزمن جي خلاف سپريم ڪورٽ جي حڪم تي مقدمو درج ڪيو ويو هو.1

بقايا 20

مريم نوازشريف چيو آهي ته قانون ۽ انصاف کي ٻارن جي خاطر عمرعطا بنديال پنهنجي لاءِ تياريخي بدنامي گڏ ڪٽي رهيا آهن ان جو جواب انهن کي ڏيڻو پوندو يا پوءِ ثاقب نثار وانگر دنيا ۾ منهن لڪائي سڄي زندگي گذارڻو پوندو، انهن چيو ته مائڪرو بلاگنگ ويب سائيٽ ٽيوٽر تي جاري پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته جنهن حالت ۾ چورن کي رکيو ٿو وڃي ان کان بهتر حالت ۾ پي ٽي آئي چيئرمين کي رکيو ويو آهي. هي نوازشريف وانگر چونڊن تي مبني سياسي مقدمو نه آهي هتي چوري ثبوتن سان گڏ پڪڙي وئي آهي. مهينو مهلت ڏني وئي پر بنديال جو لاڏلو ان جي نڪ جي هيٺان عدالت مان پڇندو رهيو.

بقايا 21

هڪ مهينو رهجي ويو آهي خميس تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ عذير بلوچ ۽ ٻين جي خلاف پنجن مقدمن جا فيصلا ڪرڻ کان روڪڻ جي درخواست تي ٻڌڻي عدالت استفسار ڪيو ته جن گواهن جا بيان قلمبند نٿا ڪيا وڃن انهن جي نالن جي فهرست ڪٿي آهي اسپيشل پراسيڪيوٽر رينجر موقف ڏنو ته اها ٽرائل ڪورٽ ۾ جمع آهي عدالت استفسار ڪيو ته 7 سالن ۾ 10 گواهن جا بيان قلمبند ناهي ٿي سگهيا سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته ملزم جا وڪيل نٿا اچن جنهن جي ڪري گواهن جا بيان قلمبند نٿا ٿي سگهن عدالت انسداد دهشتگردي عدالت کي عذير بلوچ ۽ ٻين پنجن ڪيسن جو فيصلو هڪ مهيني تائين ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو عدالت ڪيس ۾ نامزد ملزم کي نوٽيس جاري ڪيو آهي ته عذير بلوچ ۽ ٻين جي خلاف ڪيسن جو فيصلو ڪرڻ کان روڪڻ جي درخواست تي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ طرفان دائر ڪئي وئي هئي دائر درخواست ۾ موقف ڏنو ويو هو ته ٽرائل ڪورٽ پراسيڪيوٽر جو موقف ٻڌڻ جي بغير ڪيسن جو فيصلو ڪرڻ جاري آهي ٽرائل ڪورٽ جي مقدمن جو فيصلو ڪرڻ کان روڪيو وڃي، عذير بلوچ جا 5 مقدمات ڪلري ۽ ڪلاڪوٽ ٿاڻي ۾ درج آهن عذير بلوچ تي غيرقانوني اسلحو، ڌماڪي خيز مواد رکڻ، قتل ۽ دهشتگردن جي قلمن تحت مقدمه درج آهن.1

بقايا 22

معجزاتي طور تي محفوظ رهيو واقعي جي فوٽيج منظرعام تي اچي وئي تفصيل مطابق ڪراچي جي علائقي بفرزون ۾ شازل گئلري جي نالي سان بلڊنگ تان ٻي ماڙ تان هڪ ٻارڙو ٻاهر گهٽي ۾ ڪري پيو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج به منظرعام تي اچي وئي جنهن ۾ ڪرڻ جا مناظر ڏسي سگهجن ٿا سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ٻن سالن جو معصوم ٻار شازل گئلري تان ڪرندي نظر اچي ٿو تاهم ٻار خوشقسمتي سان زمين تي ڪرڻ بجاءِ تار تي ڪريو انٽرنيٽ جي تار تي ڪري ٻار هڪ دفعو باؤنس ٿيو ۽ پوءِ گهٽي ۾ ڪريو فوٽيج ۾ ٻارڙي جي ڪرڻ کان پوءِ عورت جي رڙيون جون آوازون ٻڌجي سگهجن ٿيون. ٻارڙو زمين تي ڇيلهه ۽ مٽي پر ڪريو جنهن جي وجهه سان ان کي مٽي تي ڏڪ آيو رڙيون ٻڌي گلي ۾ بيٺل شخص پهچي اچي ٻارڙي کي کنيو گهروارن مطابق ٻارڙي کي مٽي تي معمولي ڏڪ آيو آهي. حادثي کان پوءِ ٻار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو.1

بقايا 23

حسن رضا پاشا چيو آهي ته هاءِ ڪورٽ ۾ زير التوا معاملن ۾ مداخلت نه ٿيڻ گهرجي. حسن رضا پاشا سپريم ڪورٽ ٻاهران ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي آبزرويشن سان ماتحت عدالتي کو ڊائريڪشن جو تاثر مليو هڪ اهڙي جماعت جي وڪيل چئي رهيا آهن ته سپريم ڪورٽ چيئرمين پي ٽي آئي کي بري ڪري ڇڏيو انهن چيو آهي ته اگرايئن ٿيو ته تصور ڪيو ويندو ته دباءُ جي ڪري بري ٿي ويو عدليه کي غير سياسي ۽ غيرجانبدار ٿيڻ گهرجي. علاوه ازين وائيس چيئرمين پاڪستان هارون رشيد چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي بئنچ مخصوص جماعت جي طرفداري ڪري رهيا آهن ٽرائل ڪورٽ جي جج جي فيصلي کي غلط چئي ڪري تاثر ڏنو ويو ته جيئن اپيل هتي زيرالتوا آهي.1

بقايا 24

جي نئين تعميرات تي فوري پابندي عائد ڪئي وئي نگران وزير براءِ بلديات مبين جماڻي جي هدايتن تي محڪمه بلديات هن ضمن ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي نوٽيفڪيشن مطابق تمام قسمن جا گهر ڪمرشل پلاٽ، نقشا، هر قسم جي بلڊنگ پلان لي آئوٽ پلان ۽ پلاٽن جي انضمام تي پابندي عائد ڪئي پابندي جي اطلاق سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۽ ٻين ڊيولپمينٽ اٿارٽي تي ٿيندو محڪمه بلديات طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق تعميرات ۽ نقشن جي لي آئوٽ تي پابندي برقرار رهندي.7

بقايا 25

پرسان سومرا پاڙي ۾ سومرا برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺيون لڳڻ سبب واحد بخش سومرو، صدام حسين سومرو، فدا حسين سومرو، ناظم سومرو سميت 6 ڄڻا زخمي جنهن کي تعلقه اسپتال روهڙي آندو ويو جنهن مان هڪ 30 سالا صدام حسين سومرو کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واحد بخش ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام لڳائيندي چيو ته لال ڏنو سومرو، رياض سومرو، فريد سومرو، رشيد سومرو، جواد، شاهد، زبير، عمر، سجاد، فياض، گلزار سومرو سميت 25 کان وڌيڪ ماڻهن اسان مٿان حملو ڪري سخت زخمي ڪيو آهي اسان جو ماڻهو روهڙي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ ويو ته ان کي روهڙي پوليس ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو آهي اسان غريب مسڪين مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندا آهيون ۽ مان پنهنجي پٽ کي گهر اڳيان دڪان هٽي ڏنو جنهن تي دڪان بند ڪرائڻ لاءِ ڌاڪا ڌمڪيون ۽ اسان کي حراسمينٽ ڪندا رهندا هوچو ان جا پٽ ۽ پاڻ پوليس آهن ان جي ڪري اسان کي حراسا ۽ ڌمڪيون ڏيندا اچن ٿا اسان علائقي جي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون آهن پر اسان جي ڪري بي اسان جي ٻڌڻ وارو ناهي چو ته اهو بااثر آهن اسان سان بيواجبي ڪن ٿا جيڪو سراسر ظلم آهي اسان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي سکر کان پرزور مطالبو ڪريون ٿا ته اسان مٿان حملو ڪندڙن کي جلد گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.7

بقايا 26

سنڌراڻي برادري جا پراڻا ڳوٺ ۽ زمينون دريا پاڻ لڳو ڳوناڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت اباڻا ڪک پٽي رهيا آهن. گهوٽڪي ويجهو ڪچي جي ڇهين بلاڪ کي سنڌو دريا جو پاڻي پاڻ لڳو ڳوناڻن انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ علي مردان، شهمير،سخي جان ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پنجاب ۾ چوماسي جي برساتن بعد سنڌو درياءَ ۾ چاڙهه بعد درياءَ جو پاڻي ڇهين بلاڪ کي پائي رهيو آهي جنهن سبب سندراڻين جي پراڻي ڳوٺن کي ٻڏڻ جو خطرو وڌي آيو آهي. ڳوناڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت گهر ڊاهي پٽ ڪري رهيا آهن ۽ ڳوناڻن ۾ خوف پکڙيل آهي پر آبپاشي کاتي جا ڪامورا صرف ڪلها آسرا ڏيئي رهيا آهن. ڳوناڻن چيو آهي ته جلد ڇهين بلاڪ جي مرمت جو ڪم شروع ڪيو وڃي جيئن هتان جي ماڻهن کي نقصان ٿيڻ کان بچائي سگهجي.

بقايا 27

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ اهلڪار شهيد ٿي ويو.سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس ايس ايس پي ڪيماڙي فيضان علي مطابق شهيد پوليس اهلڪار عادل پاڪ ڪالوني ٿاڻي ۾ مقرر هو ايس ايس پي ڪيماڙي مطابق اهلڪار کي هڪ گولي سيني ۽ هڪ ڪنڌ ۾ لڳي سيني ۾ لڳندڙ گولي جانليوا ثابت ٿي پوليس اهلڪارن مطابق اهلڪار عادل کي شديد زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويوجتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس اهلڪار ٻڌايو ته مقابلي کانپوءِ ملزم زخمي حالت ۾ فائرنگ ڪري فرار ٿي ويو آئي جي سنڌ رفعت مختار ايس ايس پي ڪيماڙي کان واقعي جي تفصيلات طلب ڪئي ٻئي پاسي ايس ايس پي ڪيماڙي ٻڌايو آهي ته 4 پوليس اهلڪار علائقائي گشت ۾ مصروف هئا جڏهن ته اهلڪار گلي ۾ پهتو ته پهريان کان ويهندڙ ملزم فائرنگ ڪئي فائرنگ ۾ ٿاڻي پاڪ ڪالوني ڪانسٽيبل عادل شهيد ٿي ويو. ساٿي اهلڪار به ملزمن تي فائرنگ ڪئي جنهن تي هڪ ملزم به زخمي ٿي پيو ايس ايس پي ڪيماڙي مطابق ملزم کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردارتائين پهچايو ويندو.7

بقايا 28

پگهارون نه ڏيڻ ٻڌڻي لاءِ مقرر اينگرو گئز ٽرانسپورٽرز ۽ اينگرو آف سائٽ جي ٺيڪيدارن ميان مجيد ـ عمران نجيب . مبارڪ علي. ساجد عباس ـ جميل شاهه ۽ ٻين پاران مزدورن کي ليبر قانون منيئيم ويجز مطابق 25 ماهوار پگهار نه ڏيڻ ۽ ايس ايڇ او ڏهرڪي ظهير پتو.وڏي منشي رياض سيلرو طرفان ٺيڪيدارن کان رشوت عيوض مزدور اڳواڻ رضوان پتو سميت مزدورن کي غيرقانوني لاڪپ ۽ هرسان ڪرڻ ـ هاف ۽ فل فراهي ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ بابت ميڊيا ۾ خبرون اچڻ کان پوءِ ضلعي سيشن جج گهوٽڪي نوٽس وٺندي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي، ضلعي سيشن جج جي حڪم تي اڄ 25 آگسٽ تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي ڌرين کان بيان قلمبد ڪرڻ لاءِ طلب ڪيو آهي جيڪا پنهنجي رپورٽ ناهي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کي پيش ڪندي ڊي سي گهوٽڪي جاڳايل رپورٽ ضلعي سيشن جج جي عدالت ۾ پيش ڪندا، ضلعي سيشن جج گهوٽڪي اينگرو گئز ٽرانسپورٽرز ۽ مزدورن سميت ڌرين کي 25 آگسٽ تي طلب ڪري ٻڌڻي ڪندو، ضلعي سيشن جج گهوٽڪي، اينگرو گئز ٽرانسپورٽرز ۽ اينگرو آف سائٽ جي ٺيڪيدارن ميان مجيد. جميل شاهه ـ ساجد عباس ۽ ٻين طرفان مزدورن کي ليبر قانون منيئيم ويجز تحت 25 ماهوار پگهار نه ڏيڻ ۽ ايس ايڇ او ڏهرڪي ظهير پتو.وڏي منشي رياض سيلرو طرفان ٺيڪيدارن کان رشوت عيوض مزدور اڳواڻ رضوان پتو سميت مزدورن تي تشدد غيرقانوني لاڪپ. هرسان ڪرڻ. هاف ۽ فل فراهي ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ بابت ميڊيا ۾ خبرون اچڻ کان پوءِ نوٽيس وٺي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کي ڌرين کي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ پابند ڪرڻ ۽ رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي.